غير رسمي تدريس جي طريقي مطابق

# مذهبي تعليم

درسي ڪتاب

پيڪيج - اِي (درجو اٺون)

Directorate of Curriculum Assessment & Research (DCAR)

School Education & Literacy Department, Government of Sindh

Directorate of Literacy & Non-Fomal Education

غير رسمي تدريس جي طريقي مطابق

# مذهبي تعليم

درسي ڪتاب

پيڪيج - اِي (درجو اٺون)

ادارو خواندگي ۽ غيررسمي تعليم
ادارو نصاب، جائزو ۽ تحقيق
اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ وارو کاتو
حڪومت سنڌ

هن ڪتاب جا سبق حق ۽ واسطا
ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، حڪومت سنڌ وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتاب جو تدريسي مواد غير رسمي مرڪزن جي شاگردن جي تعليمي ضرورتن کي مدنظر رکندي حڪومت سنڌ پاران منظور ڪيل نصاب موجب ترتيب ڏنو ويو آهي. انهي سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، حڪومت سنڌ هن ڪتاب جي بهتري جي لاءِ توهان جي ڪارائتي راءِ جي آجيان ڪندي.

| ليکڪ | سنڌيڪار | نصاب ۽ ڪتاب جي صوبائي جائزو ڪاميٽي |
|---|---|---|
| 1. پونجراج ڪيسراڻي<br>2. نياز احمد راڄپر | 1. نبي بخش ميمڻ | 1. نبي بخش ميمڻ<br>2. مظهر حسين گبول<br>3. نريش ڪمار شيواڻي |

**نگران اعليٰ:** ڊاڪٽر فوزيہ خان، چيف ايڊوائزر، ڪريڪيولم ونگ، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ

**نگران:** عبدالجبار مري، ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ
نور احمد ڪوسو، ڊائريڪٽر، ادارو نصاب،جائزو ۽ تحقيق اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ

**نگران اشاعت:** عابد حسين گِل، ڊپٽي چيف ايڊوائزر (JICA AQAL Project)
آصف ابرار، ايجوڪيشن اسپيشلسٽ (UNICEF Sindh, Karachi)

**ٽيڪنيڪي امور:** محمد يونس، ڪريڪيولم اسپيشلسٽ (JICA, AQAL Project)

**انتظامي امور:** وسيم احمد صديقي، ڊپٽي ڊائريڪٽر، عمران علي سومرو، ڪمپيوٽر پروگرامر، ادارو خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ.
پريم ساگر، صوبائي ڪوآرڊينيٽر سنڌ (JICA AQAL, Karachi)
فائقا لاکو، ٽريننگ آفيسر سنڌ (JICA AQAL Project)
ريحانہ بتول، ايجوڪيشن آفيسر، (UNICEF Sindh, Karachi)

**آزمائش ڇاپو:** سال 2025

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ:** فرحان جاويد، اڪمل شهزاد JICA AQAL Project ۽ زاهد علي ابڙو، DCAR

**ٽيڪنيڪي ۽ مالي سهڪار:** UNICEF Sindh, Karachi ۽ JICA AQAL Project

# پيغام

قومن جي ترقيءَ جو دارومدار ماڻهن جي شعوري معلومات تي ٻڌل هوندو آهي ۽ انهي ڪري هر شخص لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لازمي آهي. اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئينِ جي شِق 25-A ۽ 37-B ڪان علاوه انساني حقن جي عالمي چارٽر جو پڻ مطالبو آهي ته ملڪ جو هر شخص تعليم جي زيور سان سينگاريل هجي.

پاڪستان ۽ خاص طور تي سنڌ صوبي جي آباديءَ جو هڪ وڏو حصو علم جي روشني ڪان محروم آهي. هن وقت سنڌ ۾ خواندگي جي شرح 62 سيڪڙو ڪان به گهٽ آهي. سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته هن شرح کي 2030ع تائين 85 سيڪڙو تائين پهچايو وڃي.

سنڌ صوبي ۾ تعليم کاتي، يونيسيف UNICEF، جائيڪا JICA، ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ ۽ مختلف ماهرن جي تعاون سان غير رسمي تعليم جي ڏِس ۾ مختلف مضمونن جا نصاب ترتيب ڏنا آهن. پهرئين مرحلي ۾ ابتدائي درجن جا نصاب مرتب ڪيا ويا. 2022ع ۾ ايليمينٽري درجن جا نصاب ترتيب ڏنا ويا. انهي نصاب جي تحت ايليمينٽري درجن جي سيني مضمونن جا درسي ڪتاب ۽ استادن جي لاءِ رهبر تيار ڪيا ويا آهن. جنهن جي مدد سان صوبي سنڌ جا شاگرد 18 مهينن ۾ ايليمينٽري تعليم مڪمل ڪري سگهندا. انهن درجن کي پيڪيج ڊي ۽ اِي جا نالا ڏنا ويا آهن ته جيئن اهي بار جيڪي ڪنهن به سبب جي ڪري اسڪولن ۾ رسمي تعليم جاري نه رکي سگهيا ۽ انهن جي عمر وڌي وئي آهي ته اُهي، هن تيز رفتار تعليم يعني 18 مهينن تي مشتمل ڪورس جي ذريعي تعليم مڪمل ڪري ايليمينٽري جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري سگهن.
سمورن استادن ۽ فيلڊ جي عملي کي گذارش ٿي ڪجي ته اهي پنهنجا فرض خوش اسلوبيءَ سان انجام ڏين ۽ پڙهائي جي دوران پيش ايندڙ مسئلن سان اسان کي آگاهه ڪن ته جيئن انهي عمل ۾ بهتري آندي وڃي.

وڏي اميد آهي ته نئين نصاب جي مطابق جوڙيل هي مواد غير رسمي تعليم جي ضرورتن جو بهتر انداز ۾ پورائو ڪندو.

**زاهد علي عباسي**
سيڪريٽري
تعليم ۽ خواندگي جو کاتو،
حڪومت سنڌ

# پيش لفظ

ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ تعليم ۽ نصاب سازي جون ذميواريون صوبن جي حوالي ڪيون ويون آهن. انهي ڏس ۾ ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ 2015 ۾ جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي JICA، يونيسيف UNICEF ۽ ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتي جي تعاون سان غير رسمي تعليم جي حوالي سان ابتدائي درجن جي لاءِ مختلف مضمونن جا نصاب تيار ڪيا، جنهن کي پيڪيج اي، بي، سي جا نالا ڏنا ويا. انهي نصاب تحت درسي ڪتاب ۽ استادن جا رهبر پڻ تيار ڪيا ويا. متي ڄاڻايل نصاب ۽ ڪتابن جي تياري ۾ تعليمي ماهرن ۽ استادن تي مشتمل ڪاميٽيون جوڙيون ويون جن هِن ڪم ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ مواد کي دلچسپ، موثر ۽ لاڀائتو بڻائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي.

ابتدائي درجن تي عمل درآمد ڪرڻ دوران انهي ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ايليمينٽري درجن جو نصاب پڻ تيار ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ 2015ع ۾ جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي JICA، يونيسيف UNICEF ۽ ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتي جي تعاون سان ايليمينٽري درجن جي مختلف مضمونن جي نصاب، درسي ڪتاب ۽ استادن جي رهبر کي تيار ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ڪلاس ڇهين ۽ ستين جي جڳهه تي پيڪيج ڊي رائج ڪيو ويو ۽ اٺين ڪلاس جي لاءِ پيڪيج اِي جوڙيو ويو.

سنڌي پيڪيج اِي جي درسي ڪتاب جي سبقن جي تياري ۾ نصاب ۾ ڏنل مهارتن، معيارن، سکيا جي حد، حاصلات تعليم، موضوع ۽ عنوانن سان گڏ تعليم جي بنيادي اصولن کي ذهن ۾ رکيو ويو آهي جهڙوڪ: آسان کان مشڪل، سادن کان پيچيده ۽ ظاهر کان ڳُجها تصور ۽ خيال شامل ڪيا ويا آهن. سبقن جي مشقن ۾ ٻولي جي سڃاڻپ تي خاص توجهه ڏنو ويو آهي ۽ تعليمي حاصلات جو جائزو وٺڻ لاءِ مختلف نوعيت جا سوال پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

’استادن جي رهبر‘ ۾ هر سبق جي سبقي خاڪي موجب موثر تدريسي طريقن ۽ سکيا ۾ مددگار گُرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. سکيا جي سرگرمين ۾ تعليمي حاصلات جي لاءِ ذهني آمادگيءَ جي فن، سبق جي پيش ڪش سان گڏوگڏ عبارتن ۽ گرامر جو پڻ خاص خيال رکيو ويو آهي.
اميد ٿا ڪيون ته توهان انهي ’درسي ڪتاب‘ ۽ ’استادن جي رهبر‘ کي تعميري، تنقيدي نقطہ نظر سان ڏسندا ۽ انهي کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي قيمتي راين سان نوازيندا.

خيرخواهه

**عبدالجبار مري**
**ڊائريڪٽر**
ادارو خواندگي ۽ غير رسمي تعليم
حڪومت سنڌ

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| | | باب پهريون: مذهبن جو تعارف | |
| 1 | سبق پهريون | معاشرتي ڀلائي ۾ مذهبن جو ڪردار | 2 |
| 2 | سبق ٻيو | ڪردار سازي ۾ مذهبن جو اثر | 9 |
| 3 | سبق ٽيون | مسيحيت جو تعارف (تعارف ۽ مکيه تصور) | 14 |
| 4 | سبق چوٿون | مسيحيت جا مقدس ڪتاب ۽ تعليمات | 19 |
| | | باب ٻيو: معاشرتي ۽ اخلاقي قدر | |
| 5 | سبق پهريون | حُب الوطني | 24 |
| 6 | سبق ٻيو | هڪ شهري جا فرض ۽ ذميداريون | 29 |
| 7 | سبق ٽيون | آئين، قانون ۽ بنيادي حقن جو احترام | 33 |
| 8 | سبق چوٿون | معاشرتي زندگي ۾ وقت ۽ اُن جي پابندي جي اهميت | 38 |
| | | باب ٽيون: سماجي آداب | |
| 9 | سبق پهريون | ملڻ جُلڻ جا آداب | 42 |
| 10 | سبق ٻيو | بزرگن جو احترام ۽ بيمارن جي عيادت ڪرڻ | 46 |
| | | باب چوٿون: شخصيتون | |
| 11 | سبق پهريون | ميران بائي | 51 |
| 12 | سبق ٻيو | مقدس اگسٽين | 56 |
| 13 | سبق ٽيون | اِبنِ مِسڪويه | 61 |
| 14 | سبق چوٿون | ابراهام لنڪن | 66 |
| | | باب پنجون: مذهبي ڏڻ | |
| 15 | سبق پهريون | ڏِياري | 71 |
| 16 | سبق ٻيو | جنم اشٽمي | 76 |
| 17 | سبق ٽيون | ويساکي | 81 |

## سبق پهريون

# معاشرتي ڀلائي ۾ مذهبن جو ڪردار

جيڪب پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان شهر ۾ رهندو آهي. جتي سندس والد جي سرڪاري ملازمت آهي ۽ ان جي ماءُ هڪ گهريلو عورت آهي، جيڪا جيڪب کي سهڻي نموني اسڪول جو ڪم سمجهائيندي ۽ حل ڪرائيندي آهي. هو اڪثر ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ ويندا رهندا آهن. جتي سندن مٽ مائٽ، دوست ۽ ٻيا گهرياتي رهندا آهن. جيڪب کي امتحان کان پوءِ جيئن ئي موڪلون مليون تہ هو ڳوٺ هليو آيو ۽ ڳوٺ جي دوستن سان ڪچهري ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ مصروف رهيو. هڪ ڏينهن دوستن جيڪب کي ٻڌايو تہ ڳوٺ جي سڌاري ۽ ڀلائي لاءِ ڪجهہ نوجوان گڏجي سماجي ڀلائيءَ واري تنظيم ناهڻ جو ارادو ڪيو آهي، سو اوهان بہ هلو تہ ان ۾ شامل ٿي ڪجهہ نئيون ڳالهيون سکون. جيڪب ۽ سندس دوست شام جو جڏهن اسڪول پهتا تہ اتي ڳوٺ جا ڪافي نوجوان گڏ ٿي چڪا هئا ۽ ٿوري دير ۾ استاد رميش، سيٺ دولت رام، سر جوزف ۽ سرگرم نوجوان خالد بہ اچي ويو. سڀ کان پهرئين خالد سڀني دوستن ۽ آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو. پوءِ هتي گڏجڻ جو مقصد ٻڌايو تہ اسين ڳوٺ جي ڀلائي لاءِ هڪ تنظيم جوڙيون ٿا. جنهن لاءِ آيل مهمان اسان جي رهنمائي ڪندا. ان موقعي تي استاد رميش چيو تہ: شهرن کان پري آبادين ۽ ڳوٺن ۾ سرڪار جي پهچ گهٽ هجڻ يا ڪن خاص سماجي شعبن ڏانهن توجهہ نہ ڏيڻ جي ڪري اتان جي رهواسين کي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪوشش ڪري اهي ڪم ڪرائڻا پوندا آهن. جنهن ۾ سرنديءَ وارن ماڻهن، عوام، شاگردن ۽ سرڪار کان مدد ورتي ويندي آهي اهڙي طرح هڪ تنظيم جي ماتحت سماج جي ڀلائيءَ جا ڪم سرانجام ڏنا ويندا آهن. جهڙوڪ علائقي جي صفائي سترائي، راند روند جي سهولت، صحت جي بهتري، غريب، مسڪين ۽ سماج جي خصوصي (معزور) ماڻهن جي سهائتا ڪئي ويندي آهي. جنهن کي عام طرح ۾ معاشرتي ڀلائي چيو ويندو آهي. ڳوٺ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر هڪ نوجوان کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ تنظيم جو ميمبر ٿي ان کي مضبوط بنائڻ گهرجي.

ان کان پوءِ سيٺ دولت رام نوجوانن جي خوب حوصلا افزائي ڪئي ۽ چيو تہ اسان جي علائقي ۾ ان شيءِ جي بيحد ضرورت آهي. تنظيم جي مجلس ۾ منهنجو نالو بہ شامل ڪريو. آءٌ ان کي رجسٽر ڪرائڻ کان وٺي هر مرحلي تي اوهان سان تعاون ڪندس.

تنهن بعد سَر جوزف معاشرتي ڀلائي جي اهميت بابت ڳالهائيندي چيو تہ معاشرو انسانن جي گڏجڻ سان ٺهندو آهي ۽ انهن جي هڪ ٻئي سان تعاون ۽ اتحاد برقرار رکڻ ذريعي ئي ان کي ترقي ملندي. دنيا جا سڀئي مذهب پڻ سماجي ڀلائي ۽ اخلاق جو درس ڏين ٿا. بائبل مقدس ۾ آهي تہ:

”اسان مان هر هڪ پنهنجي زڪوات پاڙيسري کي ان جي بهتري لاءِ خوش ڪري تہ جيئن هو ترقي ڪري سگهي“ (رومنس 15:2)

ساڳي نموني معاشري جي ضرورت مندن جي امداد ڪرڻ لاءِ هر مذهب سرنديءَ وارن تي ذميواري رکي آهي، جهڙوڪ: مسيحيت ۾ ضرورت مندن لاءِ ڏهہ يڪي يا عشر، سک مذهب ۾ دس ونڌ يا ڏهہ سيڪڙو، هندو مذهب ۾ دشما ڀاگ ورت، ٻڌڌرم ۾ دان ۽ اسلام ۾ زڪوات جو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي. جنهن ذريعي سماجي ڀلائي جا ڪم سرانجام ڏنا ويندا آهن. غريبن کي ڪپڙا لٽا فراهم ڪرڻ، محتاجن کي کاڌ خوراڪ پهچائڻ، يتيمن کي تعليم ڏيارڻ، بيواهن جي سارسنڀال ڪرڻ، معذورن کي طبي علاج ۽ سهولت وارا اوزار وٺي ڏيڻ وغيره سماجي ڀلائي جا اهم ڪم آهن.




آخر ۾ استاد رميش جي مشوري سان خالد ۽ سندس دوستن هن تنظيم لاءِ ”ڳوٺ سڌار تنظيم“ نالو تجويز ڪيو ۽ ان جي عهديدارن جي نالن جو اعلان ڪيو ويو. جنهن ۾ تنظيم جي اهم عهدي جنرل سيڪريٽري لاءِ جناب سومار خان کي چونڊيو ويو، جيڪو هڪ ڄنگهہ کان مغذور هجڻ باوجود نهايت قابل، باصلاحيت ۽ سماجي ڀلائي جو جذبو رکندڙ نواجون آهي. ان موقعي تي سومار خان پنهنجي دوستن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پرعزم انداز ۾ اعلان ڪيو تہ اوهان سڀني جي طرفان ڏنل هن ذميواريءَ کي آءٌ ضرور خلوص ۽ جذبي سان نڀائيندس.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پُر عزم | جذبي سان ڀرپور |
| سهائتا | مدد |
| تجويز | مشورو |
| ذميواري | جوابداري |

# مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: سماجي ڀلائي جو مطلب ڇا آهي؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 2: مذهَبَ جو معاشرتي ڀلائي لاءِ ڪهڙو ڪردار آهي؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 3: خصوصي فردن (معذورن) سان ڪهڙو رويو رکڻ گهرجي؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 4: معاشرتي ڀلائي جا ڪهڙا فائدا آهن؟

جواب:

______________________________

______________________________

### (ب) دُرست جواب ذريعي خال ڀريو:

(i). جيڪب موڪلون گذارڻ لاءِ ______________ ويو.

(الف) شهر (ب) ڳوٺ (ج) ڪوهه مري

(ii). اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ پنهنجي ______________ کي خوش ڪري.

(الف) ماءُ ڀيءُ (ب) پاڙيسري (ج) دوست

(iii). سيني تنظيم لاءِ ______________ جو نالو تجويز ڪيو.

(الف) ڳوٺ جي ترقي (ب) ڳوٺ سُڌار تنظيم (ج) ڳوٺ جي سجاڳي

(iv). دنيا جا سيئي مذهب ______________ جو درس ڏين ٿا.

(الف) دولت گڏ ڪرڻ (ب) دان ڏيڻ (د) سماجي ڀلائي

(v). آيل مهمانن کي ______________ آجياڻو پيش ڪيو.

(الف) جيڪب (ب) سومار (ج) خالد

(vi). ڳوٺ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر هڪ ______________ کي اڳتي اچڻ گهرجي.

(الف) فرد (ب) رُڪن (ج) نوجوان

(ج) ڪالم (1) ڪالم (2) جي عبارت ملائي جملو مڪمل ڪريو.

| ڪالم (1) | ڪالم (2) |
|---|---|
| 1. تنظيم جو سيڪريٽري | سماجي ڀلائي جو ڪم آهي. |
| 2. غريبن کي ڪپڙا ۽ کاڌ خوراڪ پهچائڻ | حوصلا افزائي ڪئي. |
| 3. تنظيم جي رجسٽر ڪرائڻ جي | ذميواري سيٺ دولت رام کنئي. |
| 4. سيٺ دولت رام نوجوان جي | سومار خان کي مقرر ڪيو ويو. |

1. تنظيم جو سيڪريٽري سومار خان کي مقرر ڪيو ويو.

2. ______________________________

3. ______________________________

4. ______________________________

### (ج) سرگرمي: راند روند

مکيہ مذهبن ۾ معاشرتي ڀلائي وارن ڪمن مان ڪي بہ پنج ڪم لکو؟

مثال طور: بيواهہ عورتن کي سلائي مشينون وٺي ڏيڻ.

1. ______________________

2. ______________________

3. ______________________

4. ______________________

5. ______________________

### (ج) ڊائري/ هتي سبق ۾ چوندڀ ڳالهيون لکي محفوظ ڪريو.

______________________

______________________

______________________

______________________

______________________

سبق ٻيو

# ڪردارسازي ۾ مذهبن جو اثر

سانوڻ مئٽرڪ پاس ڪري ميڊيڪل واري شعبي ۾ پڙهڻ جو ارادو ڪيو ۽ مشوري لاءِ هو پنهنجي چاچي پيرل وٽ آيو. جيڪو پنهنجي خاندان ۾ پڙهيل لکيل هو ۽ هو سيني کي مفيد مشورا ڏنيدو هو. جنهن سندس همت افزائي ڪئي ۽ ميڊيڪل شعبي لاءِ خوب محنت ڪرڻ جو مشورو ڏنو. چاچي پيرل ڪيس ٻڌايو ته سندس سَنَدن ۾ حسنِ ڪارڪردگي يا ڪئريڪٽر سرٽيفڪيٽ موجود نه آهي. اهو ڪاليج جي داخلا لاءِ بيحد اهم هوندو آهي. سارنگ پيءُ کان پڇيو: بابا! اهو چاجو سرٽيفڪيٽ هوندو آهي؟

پيرل وراڻيو: پٽ! شاگرد جنهن به اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽي ۾پڙهندو آهي ته اُتي سندس اٿڻي ويهڻي، چال چلت، ننڍن وڏن شاگردن ۽ استادن سان بهتر رويي رکڻ توڙي اخلاق ۽ ڪردار تي نظر رکي ويندي آهي ۽ آخر ۾ سندس تعليمي ڪارڪردگيءَ سان گڏ شخصي ڪردار جو به سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ ان جي اخلاق ۽ ڪردار بابت لکيل هوندو آهي. ان کي حُسنِ ڪارڪردگي يا ڪئريڪٽر سرٽيفڪيٽ سڏبو آهي. متئين تعليمي اداري ۾ ان جي آڌار تي داخلا ملندي آهي. تنهنڪري تعليمي سَنَدن ۾ ان جو هجڻ لازم آهي.



سانوڻ وراڻيو: واقعي چاچا! اسان جي اسڪول ۾ مذهبي تعليمات جا استاد بہ اسان جي اخلاق ۽ ڪردار سڌارڻ تي زور ڏين ٿا.

پيرل وضاحت ڪندي چيو: سماج ۾ هر قسم جا ماڻهو رهن ٿا. ڪي ٻين ماڻهن لاءِ نقصان ڪار ٿيندا آهن تہ ڪي فائديمند. تنهنڪري جهڙي ريت ادارن ۾ بهتر ڪردار وارن ماڻهن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. اهڙي طرح مذهبي گرو، پنڊت، پوپ ۽ عالم مذهبي تعليمات جي روشنيءَ ۾ ماڻهن کي بهتر ڪردار اپنائڻ ۽ سماج لاءِ ڪار آمد بنجڻ جي سکيا ڏيندا آهن. چو تہ اخلاق جي بنيادي تعليم اسان کي مذهب ئي سيکارين ٿا. جنهن مطابق ٻرن ڪمن کان بچڻ سان گڏو گڏ نيڪيءَ ۽ ڀلائي جي ڪم ڪرڻ جي تعليم ڏني وڃي ٿي. جنهن سان نہ صرف انسان مطمئن ۽ خوش رهي ٿو بلڪ سماج ۾ ان جا ٻيا فرد بہ خوش گذارين ٿا. مالڪِ حقيقي بہ اهڙي عمل سان راضي ٿئي ٿو. سماج جي اهڙي مثبت تبديليءَ کي اخلاقي سڌارو چئبو آهي.

اوطاق ۾ وينل ڏاڏي جانڻ، سانوڻ ۽ سندس چاچي جي گفتگو ٻڌي چيو: پٽ! سٺن اخلاقن ۽ سهڻي ڪردار وارو ماڻهو هر ڪنهن کي وڻندو آهي. گهر ۾ سيئي ڀاتي، ٻاهر دوست ۽ مائٽ، ڪم وارين جڳهن تي ملندڙ جلندڙ ۽ ساٿي ان کي نہ صرف پنهنجو خير خواهہ ۽ دوست سمجهندا آهن پر ان سان ڳالهائڻ ۾ وهنوار ڪرڻ ۾ پڻ فخر محسوس ڪندا آهن، عوام ۾ ماڻهو جو اعتماد وڌندو آهي. ان ڪري اسان جي مذهب ۾ آهي تہ ”نيڪيءَ جو بدلو، نيڪيءَ کان سواءِ ٻيو ناهي“. (القرآن) ساڳي نموني اسان جي نبي حضرت مّحمد رسول الله خاتم النّبيين صلّي الله عَلَيۡهِ وَعَلیٰ آلِهٖ وَاَصۡحٰبِهٖ وَسَلّم فرمايو آهي: ”اوهان مان سڀ کان بهترين ماڻهو اهو آهي جيڪو اخلاق ۽ ڪردار ۾ ڀلو آهي“.

پيرل چيو: ها، بابا! نہ صرف اسان جي مذهب ۾ پر ٻين مذهبن ۾ بہ ساڳئي ڪردار اپنائڻ تي زور ڏنو ويو آهي، هندو ڌرم سيکاري ٿو تہ جيڪڏهن انسان سٺا ڪم ڪندو تہ مُڪتي ماڻيندو ۽ جيڪڏهن برا ڪم ڪندو تہ ڪيس انهن برائين مطابق ٻيو جنم ملندو ۽ گيتا ۾ آهي تہ ’ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ نرڳ جو دروازو آهن.‘ سک ڌرم ۾ ست مٽيون اهڙيون آهن جيڪي انسان کي ڪامياب بنجڻ کان روڪين ٿيون جهڙوڪ: اهنڪار معنیٰ وڏائي، ڪام معنیٰ اجايون خواهشون، ڪروڌ معنیٰ ڪاوڙ، لوڀ معنیٰ لالچ، موهہ معنیٰ دنيا جو پيار، مَن مُک معنیٰ پاڻ پڏائڻ ۽ مايا معنیٰ مال جي محبت.

ساڳي نموني مسيحيت ۾ ماڻهو کي سهڻي ڪردار اپنائڻ ۽ برن ڪمن کان روڪي ٿي، جنهن ۾ سچ ڳالهائڻ، چوري نه ڪرڻ، پاڙيسرين سان نيڪ هلڻ ۽ حسد توڙي ڪاوڙ کان بچڻ شامل آهن. ۽ سڀئي مذهب، پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان برداشت ۽ احترام پڻ سيکارين ٿا.

سانوڻ: چاچا! پاڻ ڪچهريءَ ۾ محو ٿي ويا سين، سنو ٿيو جو آخر ۾ اوهان مون کي ياد ڏياريو. مون کي اسڪول مان ڪئريڪٽر سرٽيفڪيٽ وٺي اچڻو آهي. ائين چئي هو روانو ٿي ويو.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| صلاحڪار | صلاح ڏيندڙ، مشورو ڏيندڙ |
| سڌارڻ | بهتر ڪرڻ |
| حُسنِ ڪارڪردگي | سٺو ڪيل عمل |
| نرڳ | دوزخ، جهنم |
| ڪئريڪٽر | ڪردار/ اخلاق |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: اخلاقي قدرن جو مطلب ڇا آهي؟

جواب:

سوال 2: تعليمي ادارن مان ملندڙ حُسنِ ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ ڇا آهي؟

جواب:

سوال 3: اخلاقي قدرن بابت سناتن ڌرم ڇا ٿو سيکاري؟

جواب:

سوال 4: مختلف مذهبن ۾ اهم اخلاقي گُڻ ڪهڙا آهن؟

جواب:

(ب) دُرست جواب ذريعي خال ڀريو:

(i). سانوڻ پنهنجي چاچي سان ____________ ۾ داخلا بابت صلاح ڪرڻ ويو.

(الف) اسڪول (ب) ڪاليج (ج) يونيورسٽي

(ii). چاچي پيرل ڪيس ٻڌايو تہ اعلىٰ تعليمي اداري ۾ ______________ لاءِ ڪئريڪٽر سرٽيفڪيٽ لازم آهي.

(الف) نوڪري لاءِ (ب) داخلا لاءِ (ج) تعليم لاءِ

(iii). ٻرن ڪمن کان ٻچڻ ۽ سٺا ڪم ڪرڻ جو نالو ______________ آهي.

(الف) اخلاقي قدر (ب) تعليمي قدر (ج) معاشي قدر

(iv). جيڪڏهن انسان سٺا ڪم ڪندو تہ ______________ ماڻيندو.

(الف) نرواڻ (ب) مُڪتي (د) نرڳ

(v). سڀئي مذهب هڪ ٻئي سان ______________ رکڻ سيکارين ٿا.

(الف) دشمني (ب) دوستي (ج) احترام ۽ برداشت

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. سانوڻ جو ارادو هو تہ انجينئرنگ واري شعبي ۾ داخلا وٺي. | ☐ | ☐ |
| 2. سڪ ڌرم ۾ ست شيون انسان کي ڪاميابيءَ کان روڪين ٿيون. | ☐ | ☐ |
| 3. ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ نرڳ جو دروازو آهن. | ☐ | ☐ |
| 4. ٻري ڪردار وارو ماڻهو هر ڪنهن کي وڻندو آهي. | ☐ | ☐ |
| 5. سهڻي ڪردار واري ماڻهوءَ سان ملڻ ۾ ٻيا فخر محسوس ڪندا آهن. | ☐ | ☐ |

سبق ٽيون

# مسيحيت جو تعارف

## (تعارف ۽ تصور)

### تعارف:


مسيحيت حضرت يسوع مسيح ۽ ان جي حوارين جي ٻڌايل تعليمات تي مشتمل مذهب آهي. جيڪو دنيا جي وڏن مذهبن مان هڪ آهي ۽ ان جا پوئلڳ پوري دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ آهن، جيڪي 'مسيحي' سڏجن ٿا. مسيحيت سامي مذهبن مان هڪ آهي. جيڪي توحيد پرستي يعني هڪ مالڪ حقيقي جي بندگي جا قائل آهن.



حضرت يسوع مسيح مالڪِ حقيقيءَ جي الوالعزم يعني وڏي مرتبي وارن نبين سڳورن مان آهي. سندس ولادت مالڪِ حقيقي جي خاص قدرت سان بغير پيءَ جي حضرت مقدسه مريم ذريعي ٿي. پاڻ يهوديت ۾ پيدا ڪيل مذهبي خرابين جي سڌارڻ لاءِ بني اسرائيل قوم مان نبي بڻائي موڪليو ويو ۽ پنهنجي ٻارهن حوارين ذريعي مسيحيت کي ڦهلائيندو رهيو. پاڻ پنهنجي زندگي ان ڪم لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين مثال طور نيڪي جو رستو ڏيکارڻ ان تي قائم رهڻ جي تلقين ڪرڻ ۽ برائين کان بچڻ جو حڪم ڏيڻ وغيره. پاڻ نهايت سادو کائيندو هو ۽ سادو پهريندو هو. پاڻ يهودين کي مذهبي ڪوتاهين ۽ غلطين تي ننديندو هو، جنهن ڪري اهي سندس جاني دشمن بنجي پيا ۽ کيس واجب القتل قرار ڏنائون. مسيحين جو چوڻ آهي تہ يهودين حضرت يسوع مسيح کي صليب تي چاڙهيو. پر پاڻ ٽن ڏينهن بعد وري زنده ٿي ويو ۽ عوام کي پنهنجو پاڻ ڏيکاريائين ۽ پوءِ ڪجهه عرصي بعد مالڪِ حقيقي طرفان آسمان تي کنيو ويو.




☆ مسيحيت جا اهم تصور: مسيحيت کي ڦهلائڻ ۾ مسيحي مشينري ۽ اسڪول نظام جو وڏو هٿ آهي. هن مذهب جا ٻہ اهم گروهہ: ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ گهڻو مشهور آهن. مسيحيت جا بنيادي تصور هي آهن:




☆ تثليث: ٽن شين جي مجموعي کي تثليث چئبو آهي. هي مسيحيت جو بنيادي عقيدو آهي. جنهن مطابق خدا ٽن شين جو مرڪب آهي. پٽ ۽ روح القدس. پيءُ مان مراد خدا آهي. پٽ مان مراد خدا جو ڪلام آهي جيڪو جسماني صورت وٺي حضرت يسوع مسيح جي شڪل ۾ ڌرتي تي آيو ۽ نجات جو سبب بڻيو جڏهن تہ روح القدس مان مراد پاڪ روح آهي.



☆ صليب: مسيحيت ۾ ڦاهيءَ جي علامت صليب سڏجي ٿي، جيڪا پوري انسانيت جي نجات جي علامت سمجهي وڃي ٿي. هر گرجا ۾ ان جو هجڻ ضروري آهي.



☆ بپتسمہ: هيءَ مسيحيت جي هڪ بابرڪت رسم آهي جنهن ۾ نئين ڄاول ٻار ۽ مسيحيت ۾ نئين داخل ٿيڻ واري ماڻهو کي غسل ڏنو ويندو آهي. جنهن سان ان کي جسماني ۽ روحاني پاڪيزگي حاصل ٿيندي آهي. مسيحيت جي عبادتن ۾ مناجات ڪرڻ، بائبل جي تلاوت ڪرڻ، چنچر واري ڏينهن گرجا جي عبادت ۾ شامل ٿيڻ ۽ حضرت يسوع مسيح مٿان ڪامل يقين رکڻ اهم عبادتون شمار ٿين ٿيون. مسيحي پنهنجي عبادت گذاريءَ لاءِ خاص طور تي چرچ يا گرجا گهر ۾ جمع ٿيندا آهن. هن مذهب جا پوئلڳ ڪرسمس ۽ ايسٽر جهڙا مذهبي ڏڻ ملهائيندا آهن. مسيحيت جي مقدس ڪتاب بائبل آهي. جيڪو انجيل ۽ ٻين ڪتابن تي مشتمل آهي.

### ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| حواري | حضرت يسوع مسيح جا شاگرد |
| مناجات | دعا، عاجزي |
| نجات | ڇوٽڪارو |
| واجب القتل | موت جي سزا ڏيڻ |
| پوئلڳ | پيروڪار، پيروي ڪندڙ |
| ڏڻ | ڏِهاڙا، خوشيءَ جا موقعا |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: مسيحيت تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

جواب:

سوال 2: حضرت يسوع مسيح جي ولادت جو معجزو بيان ڪيو؟

جواب:

سوال 3: تثليث ڇا آهي؟

جواب:

سوال 4: مسيحيت ۾ صليب جي ڇا اهميت آهي؟

جواب:

سوال 5:	مسيحيت ۾ بپتسمہ ڪنهن لاءِ هوندو آهي ؟

جواب: ________________________________________

________________________________________

(ب)	دُرست جواب ذريعي خال پريو:

(i).	حضرت يسوع مسيح ۽ ان جي حوارين جي ٻڌايل تعليمات تي مشتمل مذهب ________ آهي.

(الف) اسلام	(ب) يهوديت	(ج) مسيحيت

(ii).	حضرت يسوع مسيح مالڪِ حقيقي جي موڪليل ________ پيغمبرن مان آهي ؟

(الف) سچن	(ب) وڏي مرتبن وارن	(ج) پرهيزگار

(iii).	مسيحين جو چوڻ آهي تہ صليب اچڻ کان ________ ڏينهن بعد پاڻ زنده ٿيو.

(الف) ٽي	(ب) چار	(ج) پنج

(iv).	مسيحيت جي عبادت گاھ ________ سڏجي ٿي.

(الف) مسجد	(ب) مندر	(ج) گرجا گھر

(v).	مسيحيت جو وڏو مذهبي ڏڻ ________ آهي.

(الف) ڪرسمس	(ب) هولي	(ج) عيد

(ج)	ڪالم (1) ڪالم (2) جي عبارت ملائي جملو مڪمل ڪريو.

| ڪالم (1) | ڪالم (2) |
|---|---|
| 1. حضرت يسوع مسيح جا پيروڪار | وڏي مرتبي وارا. |
| 2. الوالعزم جي معنیٰ آهي | حواري سڏجي ٿو. |
| 3. حضرت يسوع مسيح جي شاگردن کي | نجات جي علامت سمجهي وڃي ٿي. |
| 4. مسيحيت ۾ صليب | مقدس ڪتاب آهي. |
| 5. بائبل مسيحيت جو | مسيحي سڏجن ٿا. |

حضرت يسوع مسيح جي مجيندڙ کي مسيحي سڏجي ٿو.

1. ________________________________

2. ________________________________

3. ________________________________

4. ________________________________

5. ________________________________

### (ج) سرگرمي:

هيٺ ڏنل مسيحيت جي اصطلاحن جي باري ۾ هيٺين ڳالهين جي وضاحت ڪريو.

حواري ________________________________

صليب ________________________________

بپتسمه ________________________________

### (د) ڊائري/ سبق جون اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو.

________________________________

________________________________


________________________________

________________________________

________________________________

سبق چوٿون

# مسيحيت جا مقدس ڪتاب ۽ تعليمات




مسيحيت دنيا جي انهن مذهبن مان هڪ آهي. جنهن جي تعليمات جو تمام وڏو ذخيرو تحريري شڪل ۾ موجود آهي. حضرت يسوع مسيح کي امت جي هدايت لاءِ چونڊيو ويو ته مالڪِ حقيقي پاران کيس ”انجيل“ نالي آسماني ڪتاب عطا ڪيو ويو. جيڪو چئن وڏن آسماني ڪتابن مان هڪ آهي. انجيل جي لفظي معنیٰ آهي؛ خوشخبري، مسيحيت جي مقدس ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي:

**اناجيل اربعه:** مالڪِ حقيقيءَ حضرت يسوع مسيح ذريعي جيڪو پيغام ڏنو سو انجيل سڏجي ٿو. پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ان مطابق عمل ڪندا رهيا ۽ پنهنجي حوارين کي ان جي تعليم ڏيندا رهيا. حضرت يسوع مسيح کان پوءِ سندس حوارين مان چئن حوارين سندن تعليمات کي گڏ ڪيو. انهن چئن انجيلن جي مرتب ڪيل ڪتابن کي ان حواريءَ جي نالي سان جدا نالو ڏنو ويو. انهن چئن انجيلن کي ’اناجيل اربعه‘ سڏجي ٿو. جيڪي هي آهن:




- **انجيل متي:** هيءَ انجيل حضرت يسوع مسيح جي شاگرد متي جو مرتب ڪيل آهي.
- **انجيل مرقس:** هي انجيل حضرت يسوع مسيح جي شاگرد مرقس جو مرتب ڪيل آهي.
- **انجيل لوقا:** هي انجيل حضرت يسوع مسيح جي شاگرد لوقا جو مرتب ڪيل آهي.
- **انجيل يوحنا:** هي انجيل حضرت يسوع مسيح جي شاگرد يوحنا جو مرتب ڪيل آهي.
- **بائبل:** لفظ بائبل جي يوناني ٻوليءَ ۾ معنیٰ ’ڪتاب‘ آهي. بائبل ٻن حصن تي مشتمل آهي:

- **عهدنامہ قديم:** هن حصي ۾ حضرت موسیٰ عليه السلام جي زندگيءَ جو اصول ۽ تورات جي تعليمات جو بيان ٿيل آهي. عهد نامہ قديم کي يهودي ۽ مسيحي ٻئي پنهنجو مقدس ڪتاب مڃين ٿا.
- **عهدنامہ جديد:** بائبل جو ٻيو حصو عهدنامہ جديد سڏجي ٿو. جنهن ۾ حضرت يسوع مسيح جي زندگيءَ جو احوال، سندس تعليمات ۾ مسيحيت بابت عقيدن جو بيان ٿيل آهي. عهدنامہ جديد چئن انجيلن کان سواءِ مقدس پولوس ۽ مقدس پطرس جي تحريرن ۽ خطن سميت ستاويهن ڪتابن تي مشتمل ڪتاب آهي. جنهن کي مسيحيت جا پوئلڳ پنهنجو مقدس ڪتاب مڃيندا آهن.

- **بادشاهہ جيمس وارو بائبل:**

بائبل جي اصل ٻولي عبراني آهي. جنهن تان دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو. هن جو انگريزي ترجمو 1611ع ڌاري بادشاهہ جيمس پنجين تيار ڪرايو هو. جنهن کي 'بادشاهہ جيمس وارو بائبل' سڏجي ٿو. جيڪو بعد ۾ هزارين ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي دنيا ۾ ڦهلايو ويو. مسيحيت انسان جي اخلاقي سڌاري ۽ سماجي بهتريءَ ۾ انسانن جي خوب رهنمائي ڪري ٿي. حضرت يسوع مسيح عوام کي جيڪي وعظ ۽ نصيحت جون ڳالهيون ٻڌايون تن مان سندن "پهاڙي وعظ" بيحد اهميت رکي ٿو. جنهن جو ذڪر انجيل متي ۾ ٿيل آهي" ان جون ڪجهہ ڳالهيون هي آهن:




- جهڙو پوکيندين تهڙو لڻيندين.
- رياڪاري ۽ ڏيکاءُ نہ ڪر.
- سڀني انسانن سان محبت، رحمدلي ۽ همدرديءَ سان پيش اچ.
- پنهنجي پاڙيسريءَ سان محبت رک.
- جيڪو توکان گهري، تنهن کي ڏئي ڇڏ.

جيڪو توکي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي تہ ان کي ٻيو ڳل بہ پيش ڪري ڇڏ.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| الهام | خدا جو پيغام |
| عهد نامون | بائبل |
| قديم | پراڻو |
| ڦهلجڻ | وڌڻ، ورهائجڻ |
| تحرير | لکت، اکرن ۾ |
| يوناني | يونان، روم جي |
| جديد | نئون |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: انجيل جي لفظي معنیٰ ڪهڙي آهي.

جواب: ______________________

______________________

سوال 2: اناجيل اربعہ جي معنیٰ ۽ مطلب ٻڌايو.

جواب: ______________________

______________________

سوال 3: بائبل جا ٻہ اهم حصا ڪهڙا آهن؟

جواب: ______________________

______________________

سوال 4: 'بادشاھ جيمس واري بائبل' جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: ______________________

______________________

سوال 5: 'پهاڙي وعظ' مان ڪي ٻہ ٽي ڳالهيون ٻڌايو.

جواب: ______________________

______________________

(ب) دُرست جواب ذريعي خال ڀريو:

(i). لفظ انجيل جي معنىٰ ________________ آهي.

(الف) خوشخبري (ب) روشني (ج) الهام

(ii). انجيل، ڇئن وڏن آسماني ______________ مان هڪ آهي.

(الف) ستارن (ب) ڪتابن (ج) رسولن

(iii). لفظ ’بائبل‘ _______________ ٻولي ۾ لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ ڪتاب آهي.

(الف) هندي (ب) عربي (ج) يوناني

(iv). يهودي ________________ تي ايمان رکندا آهن

(الف) انجيل (ب) قرآن شريف (ج) عهدنامون قديم

(v). پطرس جي تحريرن ۾ ڪتابن جو تعداد ___________ آهي.

(الف) 15 (ب) 10 (ج) 27

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. حضرت يسوع مسيح جي حوارين جو تعداد ٻارهن هو. | ☐ | ☐ |
| 2. عهدنامہ قديم کي يهودي ۽ مسيحي پنهنجي مقدس ڪتاب مڃين ٿا. | ☐ | ☐ |
| 3. بائبل جي اصل ٻولي عربي آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. بادشاھ جيمس بائبل جو انگريزي ترجمو تيار ڪرايو. | ☐ | ☐ |
| 5. عهدنامہ قديم حضرت يسوع مسيح جي حالات زندگي بابت آهي. | ☐ | ☐ |

(د) سرگرمي:

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گهرجي تہ مسيحيت جي مقدس ڪتابن بائبل، انجيل، انجيل متي، انجيل لوقا وغيره مان هنن عنوانن جا ڪارڊ ناهين. جنهن ۾ مقدس ڪتاب جي تصوير ۽ پنج پنج سٽون تعارف بابت لکي پنهنجي استاد کي ڏيکارين.

(ه) ڊائري/ سبق جون اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو:

سبق پهريون

# حُبُّ الوطني

بابا! پنهنجي پاڙي جي گهٽي جيڪا گذريل مهيني پڪسري ٿي آهي. ان جون سرون ڪير چورائي کڻي ويو آهي. اسلم جي چوڻ تي سندس پيءُ اُتي وڃي ڏٺو ته پڪسري گهٽي جون ڪافي سرون نڪتل هيون. پيءُ پٽ ڪي اُتي بيٺل ڏسي ڪري ڪجهه پاڙيوارا به اُتي اچي ويا. سڀني جو اِهوئي خيال هو ته اهي سرون ضرور ڪنهن پاڙيواري ڪنيون آهن. سڀني جو شڪ رامون ڏانهن ٿي ويو. انهي شڪ کي پڪ ۾ بدلائڻ لاءِ هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري کي رامون کي سڏڻ لاءِ موڪليو ويو. اهو ڇوڪرو رامون کي گهران سڏي وٺي آيو. هن اُتي بيٺل ماڻهن کي اهو به ٻڌايو ته سرون رامون جي گهر پيون آهن. ماڻهن رامون کي ورائي ورتو ۽ اهو پڇيو ته، ”تو اهي سرون ڇو چوري ڪيون آهن؟“ رامون وراڻيو ته:



هي سرڪاري سرون آهن، سرڪار جو مال پنهنجو مال آهي. مون کي غسلخانو نهرائڻو آهي. تنهنڪري هي سرون ڪنيون اٿم. انهي ۾ اوهان جو ڇا؟



رامون جو اهڙو جواب ٻڌي سڀني پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هن کي پنهنجي وارڊ جي ڪائونسلر سانوڻ خان وٽ وٺي هلڻ گهرجي ته جيئن ڪيس سمجهائي ۽ سرون واپس وٺي پڪسري ۾ واپس لڳرائي. سڀئي پاڙيوارا رامون کي سانوڻ خان جي اوطاق تي وٺي ويا ۽ کيس سموري ڳالهه حقيقت ڪري ٻڌائي.

سانوڻ خان رامون کي سمجهائيندي چيو ته توکي خبر آهي ته پنهنجي گهٽي کي پڪسري ڪرڻ جي هي اسڪيم پاڻ سرڪار کان منظور ڪرائي نهرائي آهي. هن کان اڳ ۾ پنهنجي گهٽي ۾ رڪشاء ۽ ڪارون اچي نه سگهنديو هيون ۽ مريضن ۽ مهمانن کي اچڻ وڃڻ

۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. هاڻي جو سهولت ٿي آهي تہ توهان انهي کي اُڪيڙي نقصان ڪيو آهي. توهان گهڻي جون سرون ڪڍي غلط ڪيو آهي. هاڻي اهي سرون واپس آڻي پڪسري ۾ لڳاءِ نہ تہ اسين سڀ تنهنجي خلاف پوليس ۾ شڪايت ٿا درج ڪرايون.

سانوڻ وڏيڪ چيو تہ پاڙي جي گهٽي يا ٻيون سرڪاري جڳهيون اسان جي سهولت لاءِ آهن. انهن جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي. وطن جي هر شيءِ پنهنجي آهي. پاڻ کي پنهنجي وطن سان پيار هُئڻ گهرجي. حُب الوطني جو مطلب بہ پنهنجي وطن سان پيار ۽ وفاداري ڪرڻ آهي. اسان کي سدائين پنهنجي وطن جو خيرخواه ٿي رهڻ گهرجي. ”وطن جي محبت ايمان جو جزو آهي“.

اسان کي پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ عملي طرح اهو ثابت ڪرڻ گهرجي تہ اسين محب وطن شهري آهيون. اسان کي پنهنجن اسڪولن، اسپتالن، روڊن ۽ ڪميونٽي سينٽرن مقامي حڪومت طرفان نهرايل پارڪن ۽ ٻين ادارن کي پنهنجو ڪري سمجهڻ گهرجي. اسان کي پنهنجن گهرن جو گند ڪچرو گٽرن ۽ نالين ۾ نہ اُڇلڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن عمارت جي سِر يا سيمينٽ جو پلستر اُڪڙيل هجي تہ ان جي جلد مرمت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ اسان جو فرض ٿئي ٿو. اسان کي سرڪاري ٽيڪس وقت سر ادا ڪرڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ذاتي مفاد کي نہ ڏسڻ گهرجي پر گڏيل ملڪي مفاد کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. اهڙي طرح جيڪڏهن اسان مان هر ڪو محب وطن ٿي سوچيندو تہ اسان جو ملڪ پاڪستان ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو ويندو ۽ وڏيڪ خوشحال ٿيندو ۽ اسين سڀ سُک ۽ امن سان پنهنجي زندگي گذاري سگهنداسين.



سانوڻ خان جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي رامون پنهنجي غلطي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ سڀني جي سامهون پڪسريءَ ۾ سرون واپس لڳايون ۽ اهڙي طرح رامونءَ پنهنجي حب الوطنيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ اهو ڏسي سڀئي ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اسڪيم | رٿا، منصوبو |
| خيرخواهہ | ڀلو چاهيندڙ |
| محب وطن | وطن جو دوست |
| مقامي حڪومت | يونين ڪائونسل ٽائون ڪميٽي، مڪاني ادارا |
| ڪميونٽي سينٽر | اهڙو مرڪز جتي شهري سماجي تقريبون ادا ڪري سگهن |
| پشيمان ٿيڻ | پڇتائڻ، پنهنجي غلطي تي افسوس ڪرڻ |
| جزو | حصو، ڀاڱو |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: رامون چوري ڪرڻ جو سبب پڇڻ تي ڪهڙو جواب ڏنو؟

جواب:

---

---

سوال 2: پاڙي وارا رامون کي وارڊ جي ڪائونسلر ڏي چو وٺي ويا؟

جواب:

---

---

سوال 3: گهٽي ڪچي هئڻ ڪري پاڙيوارن کي ڪهڙيون ڏکيايون درپيش آيون ٿي؟

جواب:

---

---

سوال 4: حُب الوطني جو مطلب ڇا آهي؟

جواب:

---

---

سوال 5: هڪ شهري روزمره جي زندگي ۾ ڪهڙن طريقن سان حُب الوطني جو عملي ثبوت ڏيئي سگهي ٿو؟

جواب: ____________________________________________

____________________________________________

(ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). وطن جي حُب ايمان جو __________________ آهي.

(ii). سرڪاري جڳهيون شهرين جي _____________________ جي لاءِ هونديون آهن.

(iii). اسان کي پنهنجي ذاتي مفاد سان گڏ مُلڪي مفاد کي ______________ ڏيڻ گهرجي.

(iv). سانوڻ خان جي سمجهائڻ تي رامون پنهنجي غلطي تي ڏاڍو ______________ ٿيو.

(v). هر شهري کي پنهنجي مُلڪ جو _______________________ تي سوچڻ گهرجي.

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. گهٽي کي پڪسري مقامي سرڪار ڪرايو هو. | ☐ | ☐ |
| 2. هر شهري کي اسڪولن، اسپتالن، پارڪن، سان گڏو گڏ سرڪاري ادارن کي به پنهنجو ڪري سمجهڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 3. شهرين کي پنهنجن گهرن جو گند ڪچرو گٽرن ۾ اڇلڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 4. هر شهري کي پنهنجا ٽيڪس وقت سر ادا ڪرڻ گهرجن | ☐ | ☐ |

## (د) شاگردن لاءِ سرگرمي:

هر شاگرد پنهنجي گهران الله تعاليٰ جي عطا ڪيل ڪن ڏهن نعمتن يا قدرتي ذريعن جا نالا لکي اچن.








## (هه) استادن لاءِ سرگرمي:

”وطن جي حُب ايمان جو جزو آهي“ جي عنوان تي شاگرن جي وچ ۾ تقريري مقابلو ڪرائي جنهن ۾ اسڪول جي سيني شاگردن، پرنسپال ۽ استاد صاحبان کي شرڪت لاءِ دعوت ڏني وڃي.

سبق ڇهون

# هڪ شهري جا فرض ۽ ذميداريون

بچل ۽ سچل شهر جي هڪ پاڙي ۾ رهندا هئا. سندن گهر هڪ ٻئي سان لڳولڳ هئا. بچل جي ٻارن جا امتحان هلي رهيا هئا. ٻارن پنهنجي پيءُ کي شڪايت ڪئي ته سچل جي گهر ۾ وڏي آواز سان هلندڙ ٽي وي جي ڪري اُهي ڌيان سان پڙهي نٿا سگهن. بچل پنهنجي ٻارن جي شڪايت کي صحيح سمجهندي سچل جي گهر اڳيان وڃي ڪيس سڏ ڪيو ۽ چيو ته:




ادا! منهنجي ٻارن جا امتحان هلن پيا. اوهان جي گهرجي ٽي وي جي وڏي آواز جي ڪري اهي ڌيان سان پڙهي نٿا سگهن. پنهنجي گهر ۾ ٽي وي ڏسڻ/ ٻڌڻ اوهان جو حق آهي. پر انجو آواز هلڪو رکڻ اوهان جو فرض آهي.

سچل، بچل جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌي ۽ وراڻيو ته ”ادا! اوهان صحيح ٿا چئو. اسان کي پاڙيوارن جي آرام جو خيال رکڻ گهرجي آءٌ پنهنجي ٽي وي جو آواز گهٽ ڪري ٿو اچان ۽ اوهان جي لاءِ چانهه ناهڻ لاءِ به چئي ٿو اچان. اوهان هتي اوطاق ۾ ويهو ته پوءِ گڏجي چانهه ٿا پيئون“



پوءِ ٻئي پاڙيسري پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا. سچل، بچل کي چيو ته ”اوهان مهرباني ڪري شهري جي حقن ۽ فرضن جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ ٻڌايو ته آءٌ پاڻ به انهن جو خيال رکان ۽ پنهنجن گهرڀاتين کي به سمجهايان“. بچل کيس سمجهائيندي چيو:

ادا! جهڙي طرح هر شهري کي پنهنجي گهر ۾ آزادي سان رهڻ، تعليم حاصل ڪرڻ، جائز ذنڌو ڪري جائداد ناهڻ، ڏيتي ليتي ڪرڻ ۽ نوڪري حاصل ڪرڻ جا حق حاصل آهن. تهڙي ريت هن تي ڪي فرض ۽ ذميواريون به لازمي طرح لاڳو ٿين ٿيون. ’**فرض**‘ جي معنىٰ آهي اخلاقي ۽ قانوني فريضو، اخلاقي، سماجي ۽ سرڪاري طور هر شهري تي لازمي ٿيل جوابداري کي فرض سڏبو آهي. فرض جو جمع فرائض آهي. ’**ذميواري**‘ جي معنىٰ پنهنجو پاڻ تي ڪنيل ذمو يا ڪنهن طرفان ڏنل يا سونپيل ڪم. جيئن ڪنهن سمجهدار ماڻهو کي شادي جي ڪاڄ ۾ مهمانن کي ماني کارائڻ جي ذميداري سونپي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجو ڪم پوري توجهه ڌيان ۽ ايمانداري سان سرانجام ڏي ٿو.

اهڙي طرح اسين سڀ هڪ وطن جا هڪجهڙا شهري آهيون. اسان سڀني کي سرڪار پاران ڪئي حق حاصل آهن. انهي سان گڏو گڏ اسان تي ڪي فرض ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ به لازمي آهن جهڙوڪ: پنهنجي ملڪ سان وفاداري ڪرڻ ۽ ٻين شهرين جي ذاتي زندگي ۾ دخل نه ڏيڻ، انهن جي سُک سهنج ۽ آرام ۾ خلل نه وجهڻ، سرڪاري ادارن، دفترن ۽ پبلڪ پارڪن ۾ صفائي سُترائي جو خيال رکڻ، ڪٿي به گندگي نه ڦهلائڻ، آسائشي وڻن ۽ گُلن ٻوٽن جي حفاظت ڪرڻ، پنهنجي حصي جو ڪم ايمانداري ۽ جوابداري جي احساس سان ڪرڻ ۽ ملڪي قائدن قانونن تي عمل ڪرڻ هر شهري جو فرض آهي.



انهن فرضن ۽ ذميوارين جي تمام گهڻي اهميت آهي. انهن تي عمل ڪرڻ سان سماج ۾ ۽ وڏي پئماني تي پوري ملڪ ۾ ماڻهن جي زندگي وڌيڪ خوشگوار ۽ خوشحال بنجي ويندي. اهڙي طرح زندگي گذارڻ جو بهترين اصول آهي:

**جيئو ۽ جيئڻ ڏيو.**

سچل، ٻچل جون ڳالهيون

وڏي اُتساهه ۽ ڌيان سان ٻڌيون ۽ آئنده جي لاءِ عهد ڪيائين ته هو پنهنجا سمورا فرض ۽ ذميواريون سچائي، محنت ۽ جوابداري جي احساس سان پوريون ڪندو.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ

| لفظ | معنىٰ |
|---|---|
| جائيداد | ملڪيت |
| سونپيل | حوالي ڪيل |
| پرورش | پالڻ |
| لاڳو | عائد |
| دخل اندازي | ٻين جي معاملي ۾ اجايو ٽنگ اڙائڻ |
| رڪن | فرد، ميمبر |
| احسن | سهڻي طريقي سان |

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: ٻارن پنهنجي پيءُ ٻچل کي ڪهڙي شڪايت ڏني؟

جواب: ___________________________________________

___________________________________________

سوال 2: هڪ شهري کي پنهنجي ملڪ طرفان ڪهڙا حق حاصل هوندا آهن؟

جواب: ___________________________________________

___________________________________________

سوال 3: فرض جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟

جواب: ___________________________________________

___________________________________________

سوال 4: ذميداري ڇاکي ٿو چئجي؟

جواب: ___________________________________________

___________________________________________

سوال 5: هڪ شهري جي عام زندگي ۾ فرضن ۽ ذميوارين جي ڪهڙي اهميت آهي.

جواب: ___________________________________________

___________________________________________

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). هر شهري کي پنهنجي گهر ۾ ٽي وي جو آواز ______________ رکڻ گهرجي.

(ii). جائز ڏنڌو ڪري ______________ ناهڻ هر شهريءَ جو حق آهي.

(iii). اسين سڀئي هڪ وطن جا ______________ شهري آهيون.

(iv). هڪ شهري کي ٻين جي ______________ ۽ ______________ ۾ خلل نہ وجهڻ گهرجي.

(v). اسان کي پنهنجي حصي جو ڪم ______________ ۽ ______________ سان ڪرڻ گهرجي.

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ذميوار ماڻهو کي مهمانن کي ماني کارائڻ جي ذميواري سونپي ويندي آهي | ☐ | ☐ |
| 2. ٻين شهرين جي ذاتي زندگي ۾ دخل اسان جو حق آهي. | ☐ | ☐ |
| 3. سکي زندگي گذارڻ هر شهري جو حق نہ آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. هر شهري کي وڻن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |

(د) شاگردن لاءِ سرگرمي:

شاگردن کي گهرو ڪم ڏنو وڃي تہ ڪين مليل ذميداري کي انهن ڪهڙي طرح سرانجام ڏنو. اهو سمورو بيان لکي اچي ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ بيان ڪن.

(هہ) استادن لاءِ سرگرمي:

استاد پاڻ شاگرن کي ٻڌائي تہ ڪيس ڪنهن تقريب ۾ ذميداري سونپي ويئي ۽ هن ذميداري ڪيئن پوري ڪئي.

سبق ٽيون

# آئين، قانون ۽ بنيادي حقن جو احترام




سانوڻ نالي هڪ هاري پنهنجي گهر جي پرسان ڪن سوچن ۾ ٻڏل ۽ پريشان وينو هو ته استاد شفيق اچي اُتان لنگهيو. سانوڻ سان دعا سلام ڪري هن پڇيو ته ادا سانوڻ اڄ ڪهڙين سوچن ۾ ٻڏو پيو آهين ؟ خير ته آهي. سانوڻ چيو، پنهنجي ملڪ ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن. مختلف اميدوار ووٽن وٺڻ لاءِ اچي رهيا آهن. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪنهن کي ووٽ ڏجي. تنهن تي استاد شفيق چيو ته ووٽ ڏيڻ هر شهري جو آئيني حق آهي. ووٽ جي طاقت سان ملڪ جي ايندڙ حڪومت جو فيصلو ٿيندو. تنهنڪري اهو سوچي سمجهي ڏجي. ملڪ جو قانون هر شهري جي قانوني حقن جي حفاظت جي ضمانت ڏي ٿو. شهري جي مرضي آهي هو ڪنهن به لائق اميدوار کي ووٽ ڏئي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو ووٽ ڏيڻ لاءِ زبردستي دٻاءُ وجهي ٿو ته اهو شهري سرڪار وٽ انهن جي خلاف شڪايت ڪري سگهي ٿو.

سائين! توهان ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪريو. ڳوٺ جي وڏيرن کي ووٽ نه ڏنوسين ته اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا. مهرباني ڪري مون کي قانون، آئين ۽ قانوني حقن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌاءِ ته منهنجو حوصلو وڌي. استاد شفيق ڪيس سمجهائيندي چيو ته:

آئين ۽ قانون جو مطلب آهي ته اهڙن اصولن ۽ قائدن جو نظام جنهن کي ڪو سماج يا ملڪ اختيار ڪري ته جيئن ملڪ جي سچي نظام کي صحيح طريقي سان هلائي سگهجي.آئين هڪ مُلڪي دستاويز هوندو آهي.

آئين اهو دستاويز يا ڪتاب آهي جنهن ۾ ملڪ جو حڪومتي نظام هلائڻ جا بنيادي اصول ۽ قانون لکيل هوندا آهن. انهيءَ ۾ حڪومت هلائڻ جو طريقيڪار انهي جي چونڊ،

عهديدارن جا فرض ۽ اختيار وغيره درج ٿيل هوندا آهن. حڪومتي نظام هلائڻ ۾ ڪو مسئلو ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ جي سپريم ڪورٽ کي آئين جي تشريح جو اختيار هوندو آهي تہ ڪهڙي ڳالهہ آئين جي مطابق آهي ۽ ڪهڙي ان جي خلاف آهي. پاڪستان سميت دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ آئين لکت صورت/ تحرير ۾ موجود آهي. جڏهن تہ برطانيہ ۽ نوزيليند اهڙا ملڪ آهن جن وٽ آئين غير تحريري آهي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ رائج آئين کي ”1973ع وارو آئين“ سڏبو آهي. چاڪاڻ تہ انهي آئين کي يڪراءِ سان منظور ڪري 14 آگسٽ 1973ع تي لاڳو ڪيو ويو هو. هن آئين ۾ بنيادي انساني حقن جو ذڪر ٿيل آهي.

- رياست هر شهري کي زندگي جي بچاءُ جي ضمانت ڏي ٿي.
- هر شهري کي آزادي سان گهمڻ ڦرڻ، رهائش اختيار ڪرڻ، ملڪيت خريد ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جو حق آهي.

هر شهري کي پسند جو ڌنڌو اختيار ڪرڻ. لياقت مطابق نوڪري حاصل ڪرڻ، تعليم حاصل ڪرڻ، ووٽ ڏيڻ ۽ چوندن ۾ اميدوار بيهڻ / ٿيڻ جو حق حاصل آهي. انهي ۾ ذات پات، نسل يا مذهب جو فرق نہ رکيو ويو آهي. هر ڪنهن کي هڪجهڙا حق حاصل آهن. ملڪي قانون جو احترام ڪرڻ هر شهري جو فرض آهي. قانون تي نہ هلڻ لاقانونيت سان ملڪ ۾ انتشار، انارڪي، بدامني، بي سڪوني ۽ بي انصافي پکڙجڻ جو امڪان رهندو ۽ ملڪ جي ترقي جي رفتار بلڪل سست ٿي ويندي. ملڪ جا ادارا، پوليس، رينجرز ۽ ٻيا ادارا اهڙي صورتحال پيدا نہ ٿيڻ لاءِ هر دم چوڪس رهندا آهن ۽ اهي شهرين کي قانون مطابق عمل ڪرڻ جا پابند بڻائيندا آهن تہ جيئن ملڪ ترقي ڪندو رهي.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نظام | سرشتو |
| جنجال | پيچيده، ڏکيو |
| قانون جي پيچڪڙي | قانون ٽوڙڻ، خلاف ورزي ڪرڻ |
| تشريح | سمجهاڻي، چٽي طرح کولي سمجهائڻ |
| انتشار | بدامني |
| چوڪس | خبردار |

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: سانوڻ ڪهڙين سوچن ۾ ٻڌل هو؟

جواب:

سوال 2: قانون ڇاکي چئبو آهي ۽ ان جا ڪيترا قسم آهن؟

جواب:

سوال 3: آئين ڇاکي سڏبو آهي. ان جا ڪيترا قسم آهن؟

جواب:

سوال 4: دنيا جي ڪهڙن ملڪن جو آئين غير تحريري آهي؟

جواب:

سوال 5: 1973ع جي آئين ۾ ڪهڙن بنيادي انساني حقن جو ذڪر ٿيل آهي؟

جواب:

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). رياست هر شهري جي زندگي جي تحفظ جي ______________ ڏي ٿي.

(ii). ملڪ جي ______________ کي آئين جي تشريح جو اختيار حاصل آهي.

(iii). 1973ع وارو آئين ______________ تي ملڪ ۾ لاڳو ڪيو ويو.

(iv). ملڪي قانونن تي عمل نه ڪرڻ سان ملڪ جي ترقي جي رفتار ______________ ٿي ويندي آهي.

(v). ______________ سوچي سمجهي ڏجي. ڇاڪاڻ ته ان سان ايندڙ حڪومت جو فيصلو ٿيندو آهي.

## (ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. عام قانون ججن جي فيصلي ۽ روايتن تي ٻڌل هوندو آهي | ☐ | ☐ |
| 2. هر شهري کي پنهنجي مرضي سان ڪنهن اميدوار کي ووٽ ڏيڻ سندس آئيني حق آهي. | ☐ | ☐ |
| 3. پاڪستان جو 1973ع وارو آئين غير تحريري آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. لاقانونيت سان ملڪ ۾ انتشار ۽ انارڪي وڌي وڃڻ جو امڪان هوندو آهي | ☐ | ☐ |
| 5. هر شهري کي قانون تي هلڻ يا نه هلڻ جو اختيار حاصل آهي. | ☐ | ☐ |

### (د) شاگردن لاءِ سرگرمي:

شاگرد گهران بنيادي انساني حقن جي لسٽ ناهي اچن. جنهن جا اکر سنا هجن ان کي اها لسٽ تي لکي اچڻ لاءِ ڪلاس روم جي ڀت تي لٽڪائڻ جي هدايت ڪري.




### (ه) استادن لاءِ سرگرمي:

استاد ووٽ جي اهميت تي ڪلاس روم ۾ بحث ڪرائي ۽ آخر ۾ پاڻ به انهيءَ موضوع تي تقرير ڪري.

سبق چوٿون

# معاشرتي زندگي ۾ وقت ۽ اُن جي پابندي جي اهميت

پٽ خان محمد اُٿ، جلدي ڪر! توکي سفر تي وڃڻو آهي ان ڪري توکي وقت کان اڳ اسٽيشن تي پهچڻ گهرجي. خان محمد کي سندس پيءُ ڪافي دفعا اُٿڻ لاءِ چيو پَرَ هن سندس ڳالهه تي ڌيان نہ ڏنو ڪيس سامان ۽ ڪاغذ تيار ڪرڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳي ويو ۽ وري ٽيڪسي جي اچڻ ۾ ڪجهه دير پئي ٿي.

هن جي چوڻ تي ڊرائيور، ٽئڪسي تيز هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڳتي ٽرئفڪ جام هئڻ ڪري هو وقت تي اسٽيشن پهچي ڪونہ سگهيو ۽ گاڏي رواني ٿي نڪري وئي. گاڏي ڇٽي وڃڻ جي ڪري هو ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ دل ۾ پڇتائڻ لڳو تہ پيءُ جي چوڻ ڏانهن هن ڌيان ڪونہ ڏنو. پر هاڻي پڇتائڻ ۾ ڪجهه ورڻ سرڻ وارو نہ هيو. کيس سياڻن جي اها چوڻي ياد اچڻ لڳي. **’وقت ۽ وير ڪنهن جو انتظار نہ ڪندا آهن‘**. هو واپس گهر پهتو تہ سندس پيءُ چوڻ لڳو تہ ”پُٽ! مون توهان کي جلدي ڪرڻ لاءِ انهي ڪري ٿي چيو تہ ماڻهو کي ڪٿي وڃڻو هجي تہ اڳوات تياري ڪجي وقت جو اندازو لڳائجي تہ منزل تي پهچڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي. رستي ۾ ڪنهن رڪاوٽ يا ٽرئفڪ جام هئڻ جي امڪان لاءِ ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

وقت تمام وڏي ۽ قيمتي شيءِ آهي. هن ڪائنات ۾ سج، چنڊ، گرهہ ۽ ستارا آهن. سي سمورا پنهنجن مقرر رستن تي مقرر وقت تي پابندي سان هڪ ٻئي جي چؤڦير ڦرندا رهن ٿا تنهنڪري علم فلڪيات جا ماهر سوين سال اڳ ۾ اڳڪٿي ڪري سگهن ٿا تہ فلاڻي سال ۾ سج گرهڻ فلاڻي تاريخ تي ڏسڻ ۾ ايندو. انسان کي اشرف المخلوقات هئڻ جي حيثيت ۾ هن کي بہ وقت جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي ۽ زندگي جي هر ڪم ۾ وقت جي پابندي ڪرڻ گهرجي. ماڻهن جو اهو مشاهدو آهي تہ جنهن وقت کي صحيح نموني استعمال ڪيو اهو ڪامياب رهيو آهي ۽ جنهن اجايو وڃايو سو پڇتائيندو رهيو آهي. تنهنڪري هر ماڻهو کي پنهنجي ڪم ڪار وارين جڳهين تي مقرر وقت کان بہ ٻهرئين پهچڻ گهرجي. آفيس، ڪارخانن ۽ ٻين ادارن ۾ وقت جو قدر ڪندڙ ۽ وقت جي پابندي ڪندڙ ملازمن جو وڏو مان هوندو آهي ۽ اهي جلدي جلدي ترقيون ماڻيندا رهندا آهن. وقت جي پابندي ڪندڙ ملازم پنهنجو ڪم بہ وڏي خوشي، چاهہ ۽ اطمينان سان ڪندا آهن. نتيجي طور انهن جي ڪم يا ناهيل شيءِ جو معيار بہ بهتر ٿيندو آهي ۽ ڪمپني يا ڪارخاني جي اُپت بہ وڌندي آهي.

شاگردن کي بہ وقت جو قدر ڪرڻ گھرجي. پنهنجي روزمره جي معمول ۾ وقت جي صحيح خرچ ڪرڻ ۽ ان تي سختي سان عمل ڪرڻ سان اهي بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهن ٿا.

هر ماڻهو کي پنهنجي سماجي زندگي ۾ ڪنهن تقريب جو بندوبست ڪرڻو هجي تہ وقت جو اندازو لڳائي اڳواٽ شيڊول ناهجي ۽ پوءِ هر صورت ۾ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي تہ يقيناً گهربل نتيجا آساني سان حاصل ٿي سگهندا. اهڙي طرح زندگي جي هر معمول جي هر ڪم ڪار ۾ وقت جي اهميت کي ذهن ۾ رکي وقت جي پابندي ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ وارو هن سنسار ۾ سدائين سوڀارو ٿيندو.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| وير | وڏي چولي |
| امڪان | انديشو |
| علم فلڪيات | ستارن ۽ گرهن جو علم |
| اشرف المخلوقات | سموري مخلوق کان مٿانهون |
| سُک | آرام |
| دستياب | ميسر |
| شيڊيول | ٽائم ٽيبل، اوقات ڪار، ڪم ڪار جو وقت |
| سوڀارو | فتحمند، ڪامياب |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: وقت جي ڪهڙي اهميت آهي؟

جواب: ________________________________

________________________________

سوال 2: خان محمد ڪهڙن سببن ڪري وقت تي اسٽيشن تي پهچي نہ سگهيو

جواب: ________________________________

________________________________

________________________________

سوال 3: سفر تي وڃڻ لاءِ ڪهڙي تياري ڪرڻ گهرجي؟

جواب: ______________________________________________

______________________________________________

سوال 4: وقت جي پابندي ڪندڙ ملازمن جو ڪارخانن کي ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟

جواب: ______________________________________________

______________________________________________

سوال 5: سماجي زندگي ۾ تقريب ڪرڻي هجي ته سڀ ڪان پهرئين ڇا ڪجي؟

جواب: ______________________________________________

______________________________________________

(ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). وقت ۾ ____________ ڪنهن جو انتظار ڪو نه ڪندا آهن.

(ii). منزل تي پهچڻ لاءِ ڪجهه وقت رستي ۾ ڪنهن ____________ جو ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

(iii). وقت تمام وڏي ۾ قيمتي ____________ آهي.

(iv). شاگردن کي وقت جو صحيح ____________ ڪرڻ گهرجي.

(v). هر ڪم ڪار ۾ وقت جي ____________ ڪرڻ گهرجي.

### (ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. گاڏي ڇُٽي وڃڻ جي ڪري خان محمد ڏاڍو خوش ٿيو. | ☐ | ☐ |
| 2. علم فليڪيات جا ماهر سج گرهڻ ٿيڻ جي اڳوات اڳڪٿي ڪري سگهن ٿا. | ☐ | ☐ |
| 3. ماڻهو ڪي ڪٿي وڃڻو هجي ته اڳوات تياري جي ضرورت ڪو نه هوندي آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. وقت جي پابندي ڪندڙ ملازمن کي جلد ترقي ملندي آهي. | ☐ | ☐ |
| 5. سنو مال تيار ڪندڙ ڪارخاني جي ساک سٺي ٿي ويندي آهي. | ☐ | ☐ |

### (د) شاگردن لاءِ سرگرمي:

شاگردن کي هدايت ڪجي ته اهي پنهنجي وقت کي پڙهائي راندروند، آرام ۽ ٻين ڪمن ڪارن لاءِ ڪيئن ورهائن ٿا. گهران لکي اچن ۽ ڪلاس ۾ Time Management تي بحث ڪن.

### (ه) استادن لاءِ سرگرمي:

استاد وقت ۽ وقت جي پابندي تي پاڻ تقرير ڪري اهو جذبو شاگردن ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

سبق پهريون

# ملڻ جلڻ جا آداب

سيٺ تاراچند وڏو ڪاروباري ماڻهو هو. وڏي ڪاروبار هئڻ سبب هو پنهنجن ٻارن سان گهٽ وقت گذاري ڪو نہ سگهندو هو. اڪثر جڏهن هو رات جو دير سان گهر ايندو هو تہ ٻار سُتل هوندا هئا. هڪ آچر تي هن جي هڪ دوست جي گهر هڪ تقريب رکيل هئي. جنهن ۾ هُو پنهنجي گهرواري گومتي ٻائي پٽ راهول ۽ ڌي سويتا کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو. تقريب ۾ هن محسوس ڪيو تہ راهول ۽ سويتا بلڪل ماٺ ماٺ پنهنجي ميز تي ويٺا رهيا. انهن نہ ڪو ڪنهن سان سلام دعا ڪئي ۽ نہ ئي ٻين ٻارن سان رلي ملي ڪا راند روند ڪيائون، جڏهن تہ



ٻيا ٻار پاڻ ۾ رلي ملي ويا هئا ۽ پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ پئي ڪئي. سيٺ تاراچند کي شديد احساس ٿيو تہ هن کي پنهنجن ٻارن کي وقت ڏيڻ گهرجي ۽ انهن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ڪرڻ گهرجي. ٻارن کي سندن نند پڻ ۾ هڪٻئي کي سلام دعا ڪرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، اُٿڻ ويهڻ، ٻين سان خوشيون ونڊڻ ۽ هڪ ٻئي سان ملڻ جُلڻ ۾ لطف اندوز ٿيڻ جي سکيا ڏيڻ گهرجي. تقريب کان واپسي تي جڏهن اهي پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ ويٺا تہ سيٺ ٻارن کي سڏ ڪري پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ کين چيو:

پٽ! اسان کي پنهنجي سماجي زندگي ۾ هڪٻئي سان ملڻ جُلڻ جو موقعو ملندو رهندو آهي. واٽ ويندي بہ ڪن دوستن يا مِٽن مائٽن سان ملاقات ٿي ويندي آهي. انهي وقت انهن سان ڪيئن هٿ ملائجي، دعا سلام جا لفظ چئجن. ڳالهہ ٻولهہ ڪجي ۽ حال احوال ڏجي ۽ وٺجي. اهڙن موقعن تي ڪهڙن آدابن جو خيال رکڻ گهرجي. انهن کي ملڻ جلڻ جا آداب چئبو آهي. اسان جي زندگيءَ ۾ ان ڳالهہ جي تمام وڏي اهميت آهي.

چاڪاڻ تہ انهي سان اخلاقي تربيت ٿئي ٿي. انهن جي شخصيت ۽ ڪردار لاءِ سٺو تاثر پيدا ٿئي ٿو. پهرئين ملاقات ۾ اوهان جي اخلاق ۽ آداب سان ماڻهن جي دلين ۾ جيڪو سٺو تاثر پيدا ٿيو تہ اهو عمر ڀر قائم رهندو. تنهنڪري ٻين ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ سٺو

تاثر پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن بہ ملاقات يا تقريب ۾ شرڪت دوران ماڻهن سان ملڻ جلڻ جي هيٺين آدابن کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي:

- پنهنجي چهري تي هميشه مسڪراهٽ رکو. هر ڪنهن سان مسڪرائي سلام دعا وارا لفظ چئو.



- ٻين کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيو. ٻين جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌو، مالڪِ حقيقي اوهان کي ٻڌڻ لاءِ ٻہ ڪَنَ پر ڳالهائڻ لاءِ هڪ زبان ڏني آهي. تنهنڪري ٻڌو گهڻو، ڳالهايو ٿورو.
- وچٿري لهجي ۾ ڳالهايو. هوڪا يا رڙيون ڪرڻ کان بچڻ گهرجي.
- ڪنهن ڏانهن گهوري نہ نهاريو.
- اوهان کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ (Sorry) چئي افسوس جو اظهار ڪريو يا 'معاف ڪريو' چئو.
- ڪا خوشي واري تقريب هجي تہ خوشدلي ۽ گرم جوشي سان مبارڪون ڏيو ۽ ڪا سوکڙي پيش ڪريو.
- تقريب ۾ ڪو بزرگ مائٽ يا استاد ملي تہ ادب سان سلام دعا ڪريو. اسڪولي دوستن يا عملي سان بہ دعا سلام ڪريو.
- تقريب مان موڪلائڻ مهل ميزبان جا ٿورا مڃو.

آخر ۾ سيٺ تاراچند پنهنجن ٻارن، راهول ۽ سويتا کي چيو تہ ٻارو! اڄ مون توهان کي زباني طور سمجهايو آهي پر اوهان کي عملي طرح سمجهائڻ لاءِ هن سال اوهان جا جنم ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهائڻ لاءِ وڏي تقريب جو اهتمام/ بندوبست ڪندس. راهول ۽ سويتا پنهنجي بابا جون اهي پياريون ڳالهيون ٻڌي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ واعدو ڪيو تہ آئنده اهي ملڻ جلڻ جي آدابن جو هر طرح لحاظ رکندا.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ |
| --- | --- |
| سماجي طور هڪٻئي سان ملڻ/ ملاقاتي ٿيڻ | ميل جول |
| ادب ۽ اخلاق جي سکيا | اخلاقي تربيت |
| وڏا واڪا ڪرڻ | هوڪا ڪرڻ |
| تحفو/ گفٽ | سوکڙي |
| تقريب ڪوٺائيندڙ | ميزبان |
| راءِ | تاثر |

# مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: سيٺ تارا چند جي ٻارن جي صحيح نموني اخلاقي تربيت ڇو ڪو نہ ٿي؟

جواب:

سوال 2: دوست جي تقريب دوران سيٺ تارا چند ڇا محسوس ڪيو؟

جواب:

سوال 3: ميل جول جي آداب مان ڇا مراد آهن؟

جواب:

سوال 4: مالڪِ حقيقي انسان کي ٻڌڻ لاءِ ٻہ ڪَنَ ۽ ڳالهائڻ لاءِ هڪ زبان ڏني آهي. انهي منجهان هن کي ڪهڙو سبق سکڻ گهرجي.

جواب:

سوال 5: سيٺ تاراچند گفتگو جي آخر ۾ ٻارن سان ڪهڙو واعدو ڪيو؟

جواب: ____________________________________________

____________________________________________

(ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). سماجي زندگي ۾ اسان کي هڪ ٻئي سان __________ جو موقعو ملندو رهندو.

(ii). ملڻ جلڻ وقت اسان کي پنهنجي چهري تي __________ رکڻ گهرجي.

(iii). ڪنهن ڏانهن __________ نہ نهاريو.

(iv). اوهان کان غلطي ٿي وڃي تہ __________ جو اظهار ڪريو.

(v). پهرئين ملاقات جو تاثر __________ قائم رهي ٿو.

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ماڻهن کي ٻين سان ملاقات وقت گهٽو ڳالهائڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 2. خوشي واري تقريب ۾ ميزبان کي سوکڙي ڏيڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 3. تقريب ۾ ڪو استاد يا بزرگ ملي تہ هن سان دعا سلام نہ ڪجي. | ☐ | ☐ |
| 4. ميل جول رکڻ وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ ضروري هوندو آهي. | ☐ | ☐ |
| 5. تقريب مان موڪلائڻ مهل ميزبان جا ٿورا مڃڻ گهرجن. | ☐ | ☐ |

(د) شاگردن لاءِ سرگرمي:

شاگرد روزمره جي زندگيءَ ۾ ملڻ جلڻ جي آدابن جون تصويرون گڏ ڪري اچن ۽ شيٽ تي ناهي پيٽ تي لڳائن.

(هہ) استادن لاءِ سرگرمي:

1. استاد ٻارن کي عملي طور ڪرائي، جيئن سلام دعا ڪرڻ.
2. غلطي تي معافي وٺڻ وغيره واري سرگرمي ڪرائن.

سبق ڇهون

# بزرگن جو احترام ۽ بيمارن جي عيادت ڪرڻ

هڪ ننڍي شهر ۾ هڪ ڪٽنب رهندو هو. اهو ڪٽنب پنجن ڀاتين تي مشتمل هو. اختر علي، سندس گهرواري سڪينہ، والد مختيار علي، پٽ مهتاب ۽ زينت جيڪا اڃا معصوم ٻار هئي.



هڪ ڏينهن اختر علي جي گهر سندس والد جو هڪ جهونو دوست مهمان ٿي آيو. مهمان اچڻ مهل مهتاب پنهنجي موبائيل تي ڪا راند ڪيڏي رهيو هو ۽ هُو مهمان جي آدر ڀاءُ/ احترام لاءِ اُٿي ڪو نہ بيٺو ۽ پنهنجي موبائيل تي مصروف رهيو. سندس ڏاڏي کيس مهمان جا لاءِ چانهہ پاڻي آڻڻ لاءِ چيو پر هن ڏاڏي جو چوڻ اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو پر ٻيهر چوڻ تي هو نہ چاهيندي بہ اُٿيو ۽ گهر اندر وڃي پنهنجي ماءُ کي چانهہ ناهڻ لاءِ چيائين ۽ گلاس ڀري آڻي مهمان کي پاڻي پياريائين. ڪجهہ دير کانپوءِ چانهہ گهران آڻي مهمان ۽ ڏاڏي کي پياريائين. مهمان وڃڻ کان پوءِ ڏاڏي مختيار علي پنهنجي پوٽي مهتاب کي پاڻ وٽ گهرائي سمجهايو تہ پٽ گهر ۾ مهمان جو اچڻ، مالڪ حقيقي جي راضي هجڻ جي نشاني آهي. اسان کي پنهنجي مهمانن جي عزت ڪرڻ گهرجي. مهمان جيڪڏهن بزرگ هجي تہ ان جي وڌيڪ عزت ۽ احترام سان خدمت ڪجي. هن جي آرام جو هر طرح خيال رکڻ گهرجي.

سماجي زندگي ۾ بزرگن جو احترام ڪرڻ هر ڪنهن تي لازم آهي. سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ انهن کان مشورو وٺڻ گهرجي زندگي جي ٻين معاملن ۾ پڻ انهن جي مشورن ۽ نصيحتن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

ڪٿي ڪنهن بزرگ کي وزن کڻي ويندي ڏسو تہ ان جو وزن کڻي ان کي سندس گهر تائين پهچايو. بسن يا ريل جي سفر دوران ڪنهن بزرگ کي بيٺل ڏسو تہ پنهنجي سيٽ خالي ڪري ان کي ويهڻ لاءِ پيش ڪريو ۽ ڪنهن بزرگ کي روڊ پار ڪرڻ ۾ ڏکيائي لڳي تہ سندس مدد ڪرڻ گهرجي ائين ڪرڻ سان اُهي بزرگ اوهان کي دعائون ڏيندا ۽ اوهان انهن جي دعائن جي برڪت سان پنهنجي زندگي ۾ سدائين سکيا ڪامياب ۽ ڪامران رهندؤ.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ مهتاب اسڪول کان واپس اچڻ مهل پنهنجي ڏاڏي کي چيو تہ هن جو هڪ دوست گذريل ٻن ڏينهن کان بيماري سبب اسپتال ۾ داخل آهي ۽ هن کي ان جي عيادت جو لاءِ وڃڻو آهي. ڏاڏي کيس چيو تہ ”اوهان هينئر ماني کائي ڪجهہ آرام ڪري وٺو.

شام جو اوهان پنهنجي بابا سان گڏجي اسپتال وڃجو“. شام جو جڏهن اختر علي گهر آيو ته ڏاڏي هن کي مهتاب سان گڏجي اسپتال وڃڻ لاءِ چيو. اسپتال وڃڻ کان اڳ ۾ ڏاڏي مهتاب کي مريضن جي طبع پرسي ڪرڻ لاءِ وڃڻ مهل هيٺين ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ ۽ عمل ڪرڻ جي نصيحت ڪئي.

- مريض جي عيادت لاءِ وڃڻ کان اڳ ۾ سندس گهرياتي کي فون ڪجي.
- اسپتال وڃڻ مهل مرضن کان بچڻ جي لاءِ احتياطي اُپائن تي عمل ڪجي.



- مريض سان سندس بيماري متعلق نه ڳالهائجي. مرض ڪٿي ڪيڏو به شديد هجي پر هن جو حوصلو وڌائجي. ڪيس مالڪ جي مهرباني سان چڱو ڀلو ٿيڻ جي دلداري ڏيڻ گهرجي. انهي سان هن جي نفسياتي طرح قوت ارادي مضبوط ٿيندي. مريض کي دوائن کان وڌيڪ اخلاقي نفسياتي علاج جي ضرورت هوندي آهي.
- مريض وٽ گهڻو وقت نه ترسجي.
- مريض کي مشورا بلڪل نه ڏجن.
- مريض جي عيادت لاءِ وڃڻ وقت ميوا يا گلدستو وٺي وڃڻ گهرجي.

ڏاڏي جون نصيحت پريون ڳالهيون ٻڌي مهتاب واعدو ڪيو ته هو پنهنجي عملي زندگي ۾ بزرگن جو احترام ڪندو ۽ ڪنهن مريض جي عيادت لاءِ وڃڻ وقت ڏاڏي جي ڏنل نصيحتن تي عمل ڪندو.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| رذل | مصروف |
| طبعيت پڇڻ | عيادت |
| بچاءُ جا طريقا | احتياطي اُپاءَ |
| آٿت | دلداري |
| ذهني ۽ روحاني | نفسياتي |
| ارادي جي مضبوطي | قوت ارادي |

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: گهر ۾ مهمان اچڻ ڇاجي نشاني آهي؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 2: مهمان اچڻ مهل مهتاب ڇا ڪري رهيو هو؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 3: بس جي سفر دوران ڪو بزرگ بيٺل هجي تہ سيٽ تي ويٺل ٻار کي ڇاڪرڻ گهرجي؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 4: احترام ۽ خدمت جي بدلي ۾ بزرگ اسان کي ڇا ڏيندا آهن؟

جواب:

______________________________

______________________________

سوال 5: بزرگن جي دعائن جو ٻار تي ڪهڙو اثر ٿيندو آهي؟

جواب: ______________________________

______________________________

(ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). سماجي مسئلن جي حل لاءِ اسان کي __________ کان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي

(ii). مهتاب پنهنجي ________________ سان گڏجي پنهنجي بيمار دوست جي عيادت لاءِ ويو.

(iii). ٻارن کي پنهنجن وڏن جو ________________ تي رهڻ گهرجي.

(iv). دلداري ڏيڻ سان مريض جي ______________ مضبوط ٿيندي آهي.

(v). عيادت لاءِ وڃڻ وقت اسان کي ______ يا __________ وٺي وڃڻ گهرجي.

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مريضن جي عيادت لاءِ وڃڻ کان اڳواٽ فون ڪرڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 2. مريض سان سندس مرض بابت گفتگو ڪرڻ گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 3. مريض کي چڱو ڀلو ٿيڻ لاءِ صرف دوائن جي ضرورت هوندي آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. مريض وٽ گهڻو وقت ترسڻ نه گهرجي. | ☐ | ☐ |
| 5. مهمان جي خدمت ڪرڻ صرف وڏن جو فرض آهي. | ☐ | ☐ |

## (د) شاگردن لاءِ سرگرمي:

شاگرد گهران مرضن کان بچڻ لاءِ احتياطي اُپائن جي لسٽ ناهي اچن. بي ڏينهن جنهن شاگرد جي لسٽ بهترين هجي تہ انهي کي چارٽ تي لکي ڪلاس روم ۾ لڳائجي.

## (ه) استادن لاءِ سرگرمي:

استاد بزرگن، معذورن ۽ ٻارن جو هر طرح خيال رکڻ ۽ انهن جي گهربل مدد ڪرڻ جي اهميت تي تقرير ڪري ٻارن ۾ انهي جو احساس پيدا ڪري.

سبق پهريون

# ميران ٻائي



راجستان- انڊيا جي ضلعي ڪڙڪي جي ننڍڙي ڳوٺ چوڪڙي ۾ شادي جو پروگرام ٿي رهيو هو. هڪ پاسي قسمين قسمين طعام تيار ٿي رهيا هئا ته ٻئي پاسي رنگ برنگي شاميانن ۾ دهل ۽ شرنائين تي موسيقي ۽ راڳ هلي رهيو هو. گهوٽ ۽ ڪنوار جي استقبال لاءِ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اچي سندن شادي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪٺ ٿيا هئا. انهن ۾ هڪ ٽئن سالن جي ننڍڙي ٻه ماءُ کي هٿ مان جهلي گهوٽ ڪنوار کي ڏسڻ لاءِ آئي هئي. شاديءَ جا ساٿ سنوڻ ۽ ڪل خوشيون ننڍڙيءَ کي بيحد وڻي ويا. هن ماءُ کان پڇيو: امان! اسين هتي ڇو آيا آهيون؟ ماءُ وراڻيس: ڌيءَ! اسين هي گهوٽ ۽ ڪنوار ڏسڻ آيا آهيون. اڄ انهن جي شادي آهي. هن ماءُ کان پڇيو: امان! مان جڏهن وڏي ٿينديس ته منهنجي به شادي ٿيندي. پوءِ منهنجو گهوٽ ڪير ٿيندو؟ ماءُ ننڍڙيءَ جي سوال تي ڏاڍو حيران ٿي پر جلدئي سامهون رکيل شري ڪرشن ڀڳوان جي مورتيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين: ڌي! تون جڏهن وڏي ٿيندينءَ ته تنهنجو گهوٽ هي شري ڪرشن ڀڳوان ٿيندو! جنهن تي ڇوڪري خاموش ٿي وئي.

ماءُ کان سوال ڪندڙ اها ننڍڙي ڇوڪري اڳتي هلي شري ڪرشن ڀڳوان جي ڀڳتياڻي بڻي ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه ان لاءِ ارپي ڇڏيائين جنهن کي هندو ڌرم ۾ مٿاهون مقام حاصل آهي ۽ ميران ٻائي جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. هوءَ شاعري ۽ راڳ تي سٺي مهارت رکندي هئي. جنهن ڪري ڀڄن ڳائڻ ۽ شري ڪرشن ڀڳوان جي لازوال محبت جي ڪري هو اڄ به عوام جي دلين ۾ آباد آهي. سندس شاعري ڇئن ڪتابن تي مشتمل آهي.

ميرا ٻائي جي زندگي سهپ، برداشت ۽ صبر جو زنده ثبوت آهي. هوءَ هڪ عورت ٿي ڪري سيني مشڪلاتن کان پارپئي، ڀڳوان شري ڪرشن جي محبت لاءِ امر ٿي وئي. ميران ٻائي جي ولادت 1498ع ڌاري جوڌپور جي راجا رتن سنگهه جي گهر ۾ ٿي.

ننڍي هوندي ئي سندس امڙ لاڏاڻو ڪري وئي ۽ پاڻ جڏهن ڪجهه وڏي ٿي ته سندس مرضيءَ خلاف اڏيپور جي راجڪمار، ڀوڄراڄ سان ان جي شادي ڪرائي وئي. جيڪو ٿوري عرصي کانپوءِ هڪ جنگ ۾ زخمي ٿي پيو ۽ وفات ڪري ويو. مڙس جي لاڏاڻي کانپوءِ ميران ٻائي پنهنجو پاڻ مندرن لاءِ ارپي ڇڏيو. هوءَ شري ڪرشن ڀڳوان جي مورتي اڳيان ڳائيندي ۽ نچندي هئي. جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائـي زائرين اچـي گڏ ٿيندا هئا. سندن خانـدان وارن پنهنجـي بي عزتي سمجهندي ڪيس ان کان روڪيو ۽ هر طرح جو ظلم ڪيو. نيٺ هوءَ محل ڇڏي، دوارڪا ۽ بندرابن جي مندرن ۾ گهمندي ۽ ڀڄن ڳائيندي رهي. ان دوران سنت رامانند جي شاگرد ڀڳت روي داس صاحب جي مريدياڻي ٿي وتائنس درسي گيان ماڻيندي رهي. ساڳي ريت تلسي داس سان به خط وڪتابت ذريعي رابطو قائم رکيائين.

ميران ٻائي ڀڳتي تحريڪ کي نمايان ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ادب ۾ سندس چار ڪتاب (1) نرسينه جي ڪامائرا (2) گيت گووند ٽيڪا (3) راڳ گوون (4) راڳ سورٺ قابل قدر خدمتون ڄاتا وڃن ٿا. ميران ٻائي جي شاعري هندو ڌرم کان علاوه سک ڌرم ۾ به ڳائي ۽ ٻڌي وڃي ٿي ۽ بيحد احترام وارو مقام رکي ٿي.

ميران ٻائي، ڀڳوان ڪرشن جي جنهن مورتيءَ جي پرستار هئي ان کي ”رنڇوڙ“ سڏيندا آهن. سندس وفات جو وقت اچي پهتو. مورتي هڪ وڏي آواز سان ڦاٽي پئي ۽ پاڻ ان ۾ سمائجي امر ٿي وئي.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| استقبال | آڌر ڀاءُ، آجيان |
| برداشت | سهپ |
| امر ٿيڻ | پنهنجو پاڻ قربان ڪرڻ |
| لاڏاڻو | وفات |
| زائرين | زيارت ڪندڙ |
| گيان | علم، گيت |
| ڀڄن | مذهبي گيت |
| ارپڻ | حوالي ڪرڻ |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: ميران ٻائي جي پيدائش ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟

جواب: ________________________________

________________________________

سوال 2: ميران ٻائي هڪ شاديءَ جي موقعي تي پنهنجي ماءُ کي ڇا چيو؟

جواب: ________________________________

________________________________

سوال 3: ماءُ ڌيءَ کي ڪنهن سان شادي ٿيڻ لاءِ چيو؟

جواب: ________________________________

________________________________

سوال 4: ميران ٻائي گهر ڇڏي مندر ڇو وڃي وسايو؟

جواب: ________________________________

________________________________

سوال 5: میران ٻائي جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي ؟

جواب: ___________________________________________

___________________________________________

(ب) دُرست جواب ذريعي خال ڀريو:

(i). ميران ٻائي ننڍي هوندي ماءُ سان گڏ هڪ __________ جي پروگرام ۾ شريڪ ٿي.

(الف) شادي (ب) سالگره (ج) ميلي

(ii). ماءُ ڪيس چيو ته تنهنجو گهوٽ __________ ٿيندو.

(الف) برهمڻ (ب) شري ڪرشن (ج) سؤٽ

(iii). ميران ٻائي __________ جي مورتي اڳيان ڳائيندي ۽ نچندي هئي.

(الف) وشنو (ب) شِو (ج) شري ڪشن

(iv). ميرا ٻائي جي مڙس جو نالو __________ آهي.

(الف) يوج ڪمار (ب) يوجراج (ج) رتن سنگهه

(v). ميران ٻائي شعرو شاعري ۽ ادب بابت __________ ڪتاب لکيا.

(الف) ٻه (ب) ٽي (ج) چار

(ج) ڪالم (1) ڪالم (2) جي عبارت ملائي جملو مڪمل ڪريو.

| ڪالم (1) | ڪالم (2) |
|---|---|
| 1. ميران ٻائي جي پيءُ جو نالو | جوڌپور رياست جو |
| 2. رتن سنگهه راجا هو | رتن سنگهه هو |
| 3. راجڪمار يوجراج | نالي مورتيءَ کي پوڄيندي هئي |
| 4. ميران ٻائي، رنڇوڙ | هڪ جنگ ۾ زخمي ٿي پيو |

### (ج) شاگردن لاءِ سرگرمي:

.1 ________________________________

.2 ________________________________

.3 ________________________________

.4 ________________________________

- اسڪول جي لائبريري مان يا انٽرنيٽ جي مدد سان ميران ٻائي جي ڪتاب تان چونڊ شاعري تحرير ڪري ڪلاس ۾ استاد جي سامهون ترنم سان پڙهو.
- ميران ٻائي جي ڪتابن جو مختصر تعارف لکو: مثال طور:

ڪتاب جو نالو ____________ ڪتاب ڇپيو ____________

صفحن جو تعداد ____________ جوڙيندڙ مرتب ڪندڙ ____________

ٻولي ____________

### (د) ڏائري/ سبق جو اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو.

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________


________________________________

سبق پيو:

# مقدس اگسٽين

عربي ٻوليءَ ۾ پاڪ ۽ پويتر شيءِ کي ’مقدس‘ چئبو آهي. اهو لفظ بلند مرتبي واري شخصيت لاءِ به استعمال ٿيندو آهي. مقدس جو جمع مقدسين ٿيندو آهي. مسيحيت ۾ مقدسين، مذهبي اڳواڻن جي هڪ جماعت کي چئبو آهي. جن جو مرتبو تمام مٿاهون ٿيندو آهي.

مقدسين جي جماعت مان مقدس اگسٽين به هڪ ناميارِي شخصيت آهي. ڪين پنهنجي دور ۾ دنيا جي ذهين ترين ماڻهن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. پاڻ مقدس آسٽن، آسٽين مقدس ۽ ”هپوڪا اگسٽين“ جهڙن نالن سان پڻ سڃاتو ويندو آهي. سندس وڏن جو تعلق يوناني ۽ آفريقي نسل سان هو. سندس والد جو نالو پطرس ۽ والده جو نالو مونيڪا هو. جيڪا مسيحيت جي پيروڪار هئي. مقدس اگسٽين جي مسيحيت لاءِ ڏنل انمول خدمتن ۾ سندس والده جو اهم ڪردار رهيو آهي. مقدس اگسٽين جي پيدائش 13 نومبر 354ع ڌاري الجزائر ملڪ جي ٽاگاسٽي نالي علائقي ۾ ٿي.




مقدس اگسٽين جي ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي علائقي ۾ ٿي، جتي سندس والده تعليم ۽ تربيت ڪندي رهي. پاڻ وڌيڪ تعليم لاءِ ٽاگاسٽي کان ڪجهه ڏور ماد وارا جي اسڪول مان لاطيني ادب ۾ مذهبي سبق ورتا. گڏو گڏ گهر ۾ پڻ مطالعو جاري رکيو. جنهن مان ڪيس فلسفي ۾ دلچسپي پيدا ٿي. سترهن سالن جي ڄمار ۾ مقدس اگسٽين جڏهن بلاغت پڙهي رهيو هو ته ساماني، مانويت ۽ افلاطوني نظرين کان متاثر ٿي مسيحيت کان پري ٿي ويو. گرجا گهر وڃڻ ڇڏي ڏنائين ۽ موج مستيءَ جي زندگي گذارڻ لڳو.

تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ پاڻ 373ع ڌاري درس و تدريس سان وابسته ٿي ويو. ان دؤران هڪ اسڪول هلائيندو رهيو. 383ع ۾ ڪيس سرڪاري ملازمت ملي وئي ۽ پاڻ روم جي شهر ميلان ۾ رهڻ لڳو. ان دوران سندس ماءُ هن لاءِ مسلسل دعائون ڪندي رهي. ته جيئن پاڻ ٻيهر سنئين واٽ تي اچي ميلان ۾ سندس ٻين مشغولين سان گڏ مقدس امبروز جا خطبا ٻڌڻ به شامل هئا. جن ڪيس ان ڳالهه تي آماده ڪيو ته جيڪڏهن پاڪيزه زندگي نه ٿي

گذاري سگهجي تہ مذهب کان پري رهڻ ئي بهتر آهي. جيتوڻيڪ مذهب خراب نہ آهي پر انسان ان درجي کي نہ ٿو پهچي سگهي. پر سندس والده مونيڪا جي دعائن اثر ڏيکاريو ۽ هڪ ڏينهن مقدس اگسٽين کي معلوم ٿيو تہ مقدس انٿوني جي حياتيءَ جو مطالعو ڪري ٻہ عام ماڻهو مسيحيت ۾ داخل ٿي ويا آهن. جنهن واقعي سندس دل کي نرم ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ اڪيلائي ۾ هليو ويو ۽ مالڪِ حقيقي کي نهايت عاجزيءَ سان پُڪاريندو رهيو. ان وقت پاڻ هڪ ٻار جو آواز ٻڌائين: هي وٺ، ان کي پڙهہ. پاڻ جڏهن بائبل کوليائين تہ سندس سامهون مقدس پولوس جو روميون ڏانهن لکيل باب/ خط کلي آيو. جنهن ۾ مالڪِ حقيقي جو فرمان هو تہ "جهڙي ريت ڏينهن جو دستور آهي تہ اوهين شائستگي سان هلو، نہ ڪي رقص، نشي بازي ۽ موج مستي سان، نہ زنا ڪاري ۽ شهوت پرستيءَ سان ۽ نہ جهڳڙي ۽ فساد سان بلڪہ اوهين خداوند يسوع مسيح کي اوڍي وٺو ۽ جسماني خواهشن لاءِ تدبيرون نہ ڪريو. (روميون، باب:13، آيات 13-14).

انهن آيتن مقدس اگسٽين جو اندر نرم ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ نئين سِر مالڪِ حقيقي جي طرف مائل ٿي ويو. بپتسمہ ڪرڻ کان بعد پنهنجي پاڻ کي گرجا جي حوالي ڪري ڇڏيائين. ڪيٿولڪ گرجا جي طرفان اڳتي هلي پاڻ بشپ چونڊيو ويو. جڏهن تہ انمول زندگيءَ جي آڌار تي سندس وفات بعد ڪيس گرجا پاران 'مقدس' جو لقب عطا ڪيو ويو.

مقدس اگسٽين پنهنجي بقايہ زندگي پاڪيزگيءَ واري انداز سان مسيحيت جي واڌاري لاءِ صرف ڪندي گذاري. پاڻ ماڻهن کي عقيدن سڌارڻ ۽ مالڪِ حقيقي سان محبت برقرار رکڻ جي تلقين ڪندو رهيو ۽ مسيحيت جو پيغام پري پري تائين پکيڙيائين. سندس فرمان آهي تہ "جيڪڏهن اوهان وڏا ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا تہ شروعات ننڍن ڪمن کان ڪريو" اهڙي طرح سندس چوڻ آهي تہ 'دنيا هڪ ڪتاب وانگر آهي. جيڪي ماڻهو سفر نہ ٿا ڪن انهن جڻ ڪتاب جو هڪ پنو پڙهيو آهي'.

مقدس اگسٽين کي پنهنجي مسيحيت کان دوريءَ واري دور جو هميشہ افسوس رهيو تنهنڪري پڇاڙي تائين پاڻ چوندو هو: "اي مالڪِ حقيقي! افسوس جو مون پنهنجو ڪيتروئي وقت توکان جدا گذاريو".

پاڻ پنهنجي پاڪيزگي ۽ اخلاقي سڌاري واري نظرئي ۽ ماڻهن کي ان جي تلقين ڪرڻ توڙي انساني ترقيءَ جي لاءِ ڪيل خدمتن عيوض هميشہ عوام ۾ ياد رهندو. 28 آگسٽ 430ع تي پاڻ الجزائر جي 'هپو' علائقي ۾ وفات ڪري ويو. ۽ مقدسين جي جماعت ۾ ڏاڍو مشهور آهي پر سندس خدمتن کي هر سال 28 آگسٽ تي مسيحيت جي پاران "مقدس اگسٽين جي ڏهاڙي" تي ياد ڪيو ويندو آهي.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ |
|---|---|
| بلند | مٿاهون، اوچو |
| نظريو | فڪر، سوچ |
| درس و تدريس | پڙهڻ ۽ پڙهائڻ |
| رقص | ڊانس |
| سُرود | وڄائڻ |
| اوڊڻ | ڍَڪڻ، پائڻ |
| ڌُوري | پري هجڻ |
| صرف ڪرڻ | استعمال ڪرڻ، ڪتب آڻڻ |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: مقدس جي معنیٰ ڇا آهي ۽ مقدسين مان مراد ڪير آهن ؟

جواب:

---

---

سوال 2: مقدس اگسٽين جي پيدائش ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي ؟

جواب:

---

---

سوال 3: مقدس اگسٽين تعليم ڪٿان حاصل ڪئي ؟

جواب:

---

---

سوال 4: مقدس اگسٽين ڪهڙي ڳالهين کان متاثر ٿي مسيحيت کان پري ٿي ويو؟

جواب:

---

---

سوال 5: مقدس اگسٽين مسيحيت ۾ ڪيئن واپس ٿيو؟

جواب: ______________________________

______________________________

(ب) دُرست جواب ذريعي خال پريو:

(i). مقدس اگسٽين جي والده جو نالو ______________ آهي.

(الف) روبل (ب) مديه (ج) مونيڪا

(ii). مقدس اگسٽين جي والده جو تعلق ______________ سان هو.

(الف) اسلام (ب) مسيحيت (ج) سناتن ڌرم

(iii). ______________ حياتيءَ جو مطالعو ڪري ۾ ماڻهو مسيحيت جا پوئلڳ بنجي ويا.

(الف) مقدس انٿوني (ب) مقدس اگسٽين (ج) مقدس پولوس

(iv). جڏهن بائبل ڪوليائين ته سندس سامهون ______________ جو روميون ڏانهن لکيل باب/ خط کلي آيو.

(الف) حضرت يسوع مسيح (ب) مقدس پطرس (ج) مقدس پولوس

(v). مقدس اگسٽين جي وفات ______________ ۾ ٿي.

(الف) روم (ب) يروشلم (ج) الجزائر

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مقدس لفظ جي معنیٰ آهي متاهون ۽ اعلیٰ. | ☐ | ☐ |
| 2. مقدس اگسٽين جو والد پطرس هو. | ☐ | ☐ |
| 3. جيڪڏهن وڏا ڪم ڪرڻ چاهيو ٿا ته پئسا گڏ ڪريو. | ☐ | ☐ |
| 4. مقدس اگسٽين جو ڏهاڙو يهودي ملهائيندا آهن. | ☐ | ☐ |
| 5. مقدس اگسٽين جو تعلق پروٽيسٽنٽ گرجا سان هو. | ☐ | ☐ |

### (د): مقدس اگسٽين جي حوالي سان هيٺين معلومات مڪمل ڪريو:

1. پيدائش جي تاريخ ۽ هنڌ ________________________________

2. پيءُ ماءُ جا نالا ________________________________

3. تعليم جو شعبو ________________________________

4. وفات جو هنڌ ۽ تاريخ ________________________________

### (هه): سرگرمي:

مقدس اگسٽين جي سوانح حيات بابت ڊاڪيومينٽري ڏسڻ ۽ معلوماتي ڪتابن جي مطالعي ڪان بعد ڪلاس جو هر هڪ شاگرد سندس زندگي تي هڪ هڪ صفحي جو مضمون تحرير ڪري استاد کي ڏيکاري.

### (ر) ڊائري:

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

# اِبنِ مِسڪِويہ

اخلاقي تعليم ۽ ان جي ترقيءَ ۾ ڪيترن ئي مذهبي سماجي توڙي سياسي شخصيتن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جنهن جو بنيادي مقصد سماج کي بهتري طرف وٺي وڃڻ ۽ انسان دوستيءَ کي ڦهلائڻ آهي. اسلام ۾ جن شخصيتن عِلم اخلاقيات تي املهہ ڪم سرانجام ڏنو آهي. تن مان ابن مسڪويہ به هڪ آهي.




ان مسڪويہ جي ڪنيت ابو علي، نالو احمد بن محمد بن يعقوب ۽ نسبت مسڪويہ آهي. پاڻ ايران جي آڳاٽي شهر ”ري“ ۾ 932ع ڌاري پيدا ٿيو. مشهور سائنسدان ابن سينا ۽ البيروني سندس هم عصر آهن. پاڻ پنهنجي دور جو مشهور اديب، شاعر، مؤرخ ۽ فيلسوف ٿي گذريو آهي. اسلامي تاريخ جو ناميارو مفسر ۽ تاريخدان ابن جرير طبري ابن مسڪويہ جي مشهور شاگردن مان هڪ آهي.

ابن مسڪويہ جي زندگيءَ جا حالات تمام گهٽ دستياب ٿيا آهن. جنهن مطابق سندس تعليم ۽ تربيت پنهنجي علائقي ’ري‘ جي مشهور استادن وٽ ٿي. جتي تعليم دوران ڪيس ڪتاب دوستيءَ جهڙوڪ: دلچسپ مشغلو هٿ لڳو ۽ پوءِ آخري عمر تائين سندس زندگيءَ مٿان ان جو اثر رهيو. تعليم جي فراغت کان بعد پاڻ مختلف ڪُتب خانن ۾ ڪم ڪندو رهيو. هڪ ڪُتب خاني ۾ ابن مسڪويہ ست ورهيہ بطور نگران جي خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ هڪ علم دوست شخصيت جو مالڪ هو. جنهن جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ’ري‘ شهر ۾ هڪ عاليشان ڪتب خانو مشهور هو. جڏهن رومين شهر تي حملو ڪيو تہ هن پنهنجي جان بچائڻ ۽ اتان هليو وڃڻ جي بجاءِ ڪتب خاني ۾ رهي ان جي ڪتابن کي حفاظت سان ٻئي هنڌ منتقل ڪري برباد ٿيڻ کان بچائي ورتو.

ڪتابن ۽ ڪُتب خانن واري ماحول ۾ رهڻ ڪري ابن مسڪويہ پنهنجي مطالعي کي بيحد وسعت ڏني، نتيجي ۾ پاڻ فلسفي، شعرو شاعري، تاريخ، ڪيميا ۽ علم نباتات سميت انيڪ موضوعن تي لڳ ڀڳ ويهہ ڪتاب تصنيف ڪيائين. جن مان تجارب الامم تاريخ بابت، آداب العرب و الفرس، چوندڊ اقوالن بابت، ۽ اخلاقيات بابت لکيل ڪتاب جهڙوڪ: الفوزالڪبير، ڪتاب السير ۽ تهذيب الاخلاق وڏيڪ مشهور آهن.

انھن سيني ڪتابن مان جنھن تصنيف جي ڪري ابن مسڪويہ وڌيڪ سڃاتو وڃي ٿو سو "تھذيب الاخلاق" آھي. ھن ڪتاب جو پورو نالو "تھذيب الاخلاق و تطھير الاخلاق" جيڪو ستن بابن تي مشتمل آھي. پھرئين حصي ۾ روح ۽ حڪمت جو بيان آھي. جڏھن تہ باقي حصي ۾ اخلاق ۽ ان جي ٻن قسمن خير ۽ سعادت کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آھي.

ابن مسڪويہ جي سعادت واري نظرئي کي اخلاقي صحت بابت اھم مرتبو حاصل آھي. جنھن جو مطلب آھي تہ "انسانيت جو معراج ھي آھي تہ ماڻھو پاڻ جھڙن انسانن ۾ رھندي انسانيت جو نمونو بنجي پئي. سيئي انسان گڏجي پنھنجي مدد پاڻ تحت اھڙو سماج جوڙين جتي ھو خوش گذاري سگھن."




اخلاقيات بابت ابن مسڪويہ جو اھم ڪم تھذيب الاخلاق نالي ڪتاب آھي. جنھن جي شھرت جو اندازو ھن مان لڳائي سگھجي ٿو تہ ھي ڪتاب ڪيترن ئي سالن کان ونئي ھندستان، استنبول، قاھره توڙي بيروت مان ھزارن جي تعداد ۾ ڪيترائي ڀيرا شايع ٿيو آھي ۽ ھر دفعي ان جي طلب ۾ اضافوئي ٿيندو رھيو آھي ۽ ان موضوع تي بعد ۾ لکندڙ ھر مصنف سندس ڪتاب جو حوالو ضرور ڏنو آھي. جھڙوڪ: نصيرالدين طوسي پنھنجي ڪتاب "اخلاق ناصري" ۾ ان کي مقدم رکيو آھي.

ابن مسڪويہ جيتوڻيڪ فلسفي ۾ ارسطو ۽ الڪندي جي ويجھو رھيو آھي پر ھو بغير ڪنھن سوچ ويچار جي ڪنھن ڳالھ جو قائل نہ ٿو ٿئي بلڪ پنھنجي علم، تجربي ۽ سائنسي دورانديشيءَ ذريعي ان جي اسباب کي معلوم ڪري مستقبل جي منصوبي تائين پھچي وڃي ٿو. اخلاقيات ۽ فلسفي بابت اھم خدمتون سرانجام ڏيندڙ ھي ناميارو محقق 1030ع ڌاري اصفھان (ايران) ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

### ☆ نوان لفظ ۽ انھن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مؤرخ | تاريخ لکندڙ |
| مشغلو | ڌنڌو، ڪرت |
| وسعت | ڪشادگي |
| انيڪ | ڪيترائي، گھڻائي |
| دورانديشي | قابليت/ سمجھ |
| خير | ڀلائي، ڀلائي |

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: اِبنِ مسڪويہ جو پورو نالو ڇا آهي؟

جواب:

سوال 2: ابن مسڪويہ جي ابتدائي زندگي ڪٿي گذري؟

جواب:

سوال 3: ابن مسڪويہ کي ڪتاب دوستيءَ جو شوق ڪيئن ٿيو؟

جواب:

سوال 4: ابن مسڪويہ ڪيترا ڪتاب لکيا؟ ڪن ٻہ ٻن جا نالا لکو؟

جواب:

سوال 5: ابن مسڪويہ جو ڪتاب 'تهذيب الاخلاق' ڇا جي باري ۾ آهي؟

جواب:

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). ابن مسڪويہ جو تعلق ايران جي شهر ______________ سان هو.

(الف) اصفهان (ب) نرمد (ج) ري

(ii). مشهور سائنسدان ابن سينا ۽ البيروني، ابن مسڪويہ جا ______________ آهن.

(الف) استاد (ب) هم عصر (ج) شاگرد

(iii). ابن مسڪويہ ست سال مسلسل هڪ ______________ ۾ ڪم ڪيو.

(الف) ڪتب خاني (ب) دڪان (ج) بازار

(iv). ابن مسڪويہ جي لکيل ڪتابن جو تعداد ______________ آهي.

(الف) ڏهہ (ب) ويهہ (ج) چاليهہ

(v). تهذيب الاخلاق ڪتاب جو موضوع __________ آهي.

(الف) تاريخ (ب) ادب (ج) اخلاقيات

(ج) ڪالم (1) ڪالم (2) جي عبارت ملائي جملو مڪمل ڪريو.

| ڪالم (1) | ڪالم (2) |
|---|---|
| 1. ابنِ مسڪويہ اخلاقيات جي باري ۾ | ايران جي شهر 'ري' ۾ ٿي. |
| 2. ابن مسڪويہ جي پيدائش | ٿي ڪتاب لکيا |
| 3. ابن مسڪويہ رومين جي حملي وقت | 1030ع ڌاري اصفهان ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. |
| 4. ابن مسڪويہ | ڪتب خانو بچائي ورتو. |

1. ______________________________

2. ______________________________

3. ______________________________

4. ______________________________

(د) سرگرمي:

ابن مسڪويہ جي لکيل ڪتابن مان موجوده دور ۾ ملندڙ ڪتابن جي فهرست تيار ڪري استاد کي ڏيکارين.

(د)	ڊائري/ سبق جو اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو.

سبق چوٿون

# ابراهام لنڪن

دنيا جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو دؤر گذريو آهي، جڏهن غريب، ڪمزور ۽ بي پهچ ماڻهن تي ڏاڍ، ظلم ۽ زبردستي ڪئي ويندي هئي ۽ کين سندن گهرن ۽ ملڪن مان ڪڍي ٻين ماڻهن کي وڪرو ڪيو ويندو هو. اهڙي ڪاروبار ۾ آمريڪا جا واپاري به مشهور آهن. جيڪي آفريقي رهاڪن جو اهڙو غيرانساني ڪاروبار ڪندا هئا. جن کي اڳتي هلي سخت پورهئي، محنت مزدوري توڙي ٻين ڪمن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. اهڙي غيرانساني ڪاروبار ۽ غلاميءَ جي خلاف جن ماڻهن ڀرپور جدوجهد ڪئي انهن مان آمريڪي شهري ابراهام لنڪن به هڪ آهي.



سندس پيءُ ٿامس لنڪن ۽ ماءُ فينسي لنڪن جو تعلق آمريڪا جي ڪينٽڪي رياست سان هو، جتي 12 فيبروري 1809ع ڌاري ابراهام جي پيدائش ٿي. سندس پيءُ هڪ غريب هاري هو. بعد ۾ هن واپار شروع ڪيو پر ان ۾ سخت نقصان پوڻ ڪري هي خاندان انڊيانا رياست لڏي ويو. ان دوران جڏهن ابراهم اجان نون ورهين جو هو ته سندس ماءُ به وفات ڪري وئي. پوءِ کيس وڏي ڀيڻ سارا ماءُ وانگي پاليو.

ابراهام ننڍي هوندي کان ئي سلجهيل ۽ ذهين هو. کيس هر معاملي ۾ سچائي ۽ ايمانداري واري خصلت بيحد پسند هئي ۽ ان جو ڀرپور عملي مظاهرو پڻ ڪندو هو. جنهنڪري ”ديانتدار“ لقب سان مشهور ٿيو. کيس پڙهڻ جو ايترو گهٽو موقعو ڪين مليو البته هميشه ڪتاب دوست رهيو ۽ جيڪي ڪجهه هو پڙهي ۽ سکي سگهيو سو انهن ڪتابن جو نتيجو هو جيڪي مختلف لائبريرين مان آڻيندو هو. ابراهم جو خاندان انڊيانا مان لڏي جڏهن ”الي نوائس“ پهتو ته هن کي گذر سفر لاءِ ننڍين ننڍين ملازمتن ڪانسواءِ ڪهاڙيءَ ذريعي ڪاٺ وڍڻ جي به ضرورت پيش آئي. نيٺ سندس اهڙي صفت ۽ جدوجهد رنگ لاتو ۽ هو سياست ۾ ڀرو وٺي محض پنجويهن سالن جي عمر ۾ الي نوائس رياست جي قانون ساز اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي ويو.

ان دوران ٽيٽيهن ورهين جي عمر ۾ ابراهم لنڪن، ميري ٽوڊ نالي عورت سان 4 نومبر 1842ع ڌاري شادي ڪئي. هوءَ هڪ قابل ۽ تعليم يافته عورت هئي. کيس ابراهم لنڪن مان چئن پٽن جو اولاد ٿيو.

ابراهام لنڪن پنهنجي تعليم تي ڌيان ڏنو ۽ شاديءَ کان بعد 1845ع ۾ قانون جو امتحان پاس ڪري وڪالت جو شعبو پڻ اختيار ڪري ورتو. گڏو گڏ سياسي سرگرمين ۾ بهرو وٺندو رهيو. سياسي نظرين ۾ سندس گهڻو زور غلاميءَ جي مخالفت بابت هو. جنهن جي ڪري پاڻ جلدئي سياسي طور مشهور ٿي ويو. پاڻ پنجويهن ورهين جي عمر ۾ پهريون دفعو ڪانگريس پارٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ پوءِ ڪيترائي دفعا ان سيٽ تي ڪاميابي ماڻيندو رهيو. هڪ دفعي آمريڪي سينيٽ جي چونڊن ۾ پڻ حصو ورتائين پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو. پر غلاميءَ خلاف جدوجهد ڪندو رهيو ۽ انساني حقن توڙي غلامن جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪندو رهيو.

ابراهام لنڪن اميدوار بيٺو ۽ ڪيس آمريڪا جو صدر چونڊيو ويو. صدر چونڊجڻ کان سنت پوءِ آمريڪا جي فورٽ سمٽر علائقي ۾ گهرو ويڙهہ شروع ٿي وئي. جنهن ۾ ڪافي جاني توڙي مالي نقصان ٿيو. آخرڪار ابراهام لنڪن دوانديشي ۽ جمهوري روايتن جي پاسداري ڪندي ملڪ کي متحد ۽ سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

هن 1863ع ۾ انساني حقن جي تحفظ ۽ غلاميءَ کان نجات جو پروانو جاري ڪيو جنهن سان آمريڪا جي سمورين رياستن ۾ غلامن کي آزاديءَ جو حق مليو. ان پرواني جاري ٿيڻ کان سنت پوءِ آمريڪي آئين جي تيرهين ترميم ذريعي غلامن جي تجارت ۽ انهن کي غلام بڻائڻ تي پابندي مڙهي وئي ۽ پوءِ پوري دنيا ۾ اهو قانون نافذ ٿي ويو.

ابراهام لنڪن پنهنجي زندگيءَ ۾ جمهوريت، قانون جي حڪمراني ۽ غلامي جي خاتمي لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون سي تاريخ ۾ ڪيس زنده رکنديون پيون اچن اهڙي املهہ ۽ انسان دوست شخصيت کي 15 اپريل 1865ع تي واشنگٽن ڊي سي ۾ انسان دشمن قوتن پاران قاتلاڻو حملو ڪري ابدي ننڊ سمهاريو ويو.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هجرت | هڪ جڳهہ تان ٻي جڳهہ ڏانهن منتقلي |
| خصلت | عادت |
| جدوجهد | ڪوشش |
| پروانو | حڪم نامو، فرمان |
| ابدي | هميشہ وارو |
| غلامي | آزاديءَ جو ضد، ٻيلپ |

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: ابراهام لنڪن جو خانداني تعارف ڇا آهي؟

جواب:

---

---

سوال 2: ابراهام لنڪن تعليم ڪٿان ۽ ڪيتري حاصل ڪئي؟

جواب:

---

---

سوال 3: ابراهام لنڪن ڪهڙي ڳالهه جي ڪري سياسي طور مشهور ٿيو؟

جواب:

---

---

سوال 4: ابراهام لنڪن کي 'ديانتدار' جو لقب ڇو مليو؟

جواب:

---

---

سوال 5: ابراهام لنڪن پنهنجي صدارت دوران ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو؟

جواب:

---

---

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

(i). ابراهام لنڪن جي ماءُ پيءُ جو تعلق آمريڪي رياست ____________ سان هو.

(الف) اِلي لوائس (ب) انڊيانا (ج) ڪينٽڪي

(ii). ابراهام لنڪن جو پيءُ هڪ __________________ هو.

(الف) ڊاڪٽر (ب) هاري (ج) استاد

(iii). ابراهام لنڪن ننڍي هوندي ______________ لقب سان مشهور ٿيو.

(الف) ديانتدار (ب) فرمانبردار (ج) سردار

(iv). ابراهام لنڪن ڪي گھر واري ميري ٽوڊ مان ______________ پٽن جو اولاد هو.

(الف) چئن (ب) پنجن (ج) ڇهن

(v). ابراهام لنڪن 1845ع ۾ __________________ جو امتحان پاس ڪيو.

(الف) ڊاڪٽري (ب) قانون (ج) انجنيئري

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ابراهام لنڪن کي ماءُ ڪانپوءِ ننڍي پيڻ سارا پاليو. | ☐ | ☐ |
| 2. غلامي هڪ قسم جو عهدو ۽ منصب آهي. | ☐ | ☐ |
| 3. ابراهام لنڪن سياست سان گڏ وڪالت جو ڌنڌو اختيار ڪيو. | ☐ | ☐ |
| 4. ابراهام لنڪن 1880ع ۾ برطانيا جو صدر چونڊيو ويو. | ☐ | ☐ |
| 5. ابراهام لنڪن جو ڪارنامو آهي جو هن غلاميءَ جي خاتمي لاءِ فرمان جاري ڪيو. | ☐ | ☐ |

(د): سرگرمي:

شاگردن کي گھرجي تہ ابراهام لنڪن جي شخصيت تي مختصر مضمون لکن ۽ انساني حقن بابت سنڌس ڪيل ڪمن جي فهرست جوڙي پنهنجي استاد کي ڏيکارين. مثال طور: غلامن کي آزادي ڏيارڻ ______________________________

______________________________

### (هـ) دائري:

## باب پنجون: مذهبي ڏڻ

### سبق پهريون

# ڏِياري

لفظ ڏِياري، سنسڪرت جي ٻن لفظن ديپ ۽ اولي مان مليل ’ديوالي‘ بڻيو آهي. جنهن جي لفظي معنىٰ آهي ڏيئن جي قطار يا روشنين جي قطار. ڏياري سناتن ڌرم جي هڪ مقدس مذهبي ڏڻ آهي. جيڪو هندو برادري پاران هر سال وڏي جوش ۽ جذبي سان پوري دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي.





ڏياريءَ جو ڏڻ هندي ڪئلينڊر مطابق انين مهيني ڪاتڪ جي پهرئين پندرهن واري جي آخري ٻن ڏينهن ۾ ملهايو ويندو آهي. ڪي ماڻهو ٽن ڏينهن تائين بہ هن خوشيءَ جي ڏِڻ کي ملهائيندا رهندا آهن. شري رامچندر وشنو ڀڳوان جو ستون اوتار هو پاڻ ايوڌيا جي راجا سرٿ جو وڏو پٽ هو. جڏهن چوڏهن سالن جي جلاوطني کان پوءِ لنڪا جي ظالم راجا راونڻ کي جنگ ۾ شڪست ڏئي، پنهنجي زال سيتا کي راونڻ جي چنبي مان آزاد ڪري واپس پنهنجي راڄڌاني ايوڌيا آيو تہ ماڻهن تمام گهڻيون خوشيون ملهايون ۽ ڏيئا ٻاري جشن ملهايو.

ڏياريءَ جي موقعي تي هر گهر ۾ تيل يا ديسي گهہ سان مٽيءَ جا ڏيئا روشن ڪيا ويندا آهن. جيڪي رات جو مسلسل ٻرندا رهندا آهن. ڏيئن ٻارڻ جو مطلب هي آهي تہ اونداهي مٿان روشنيءَ جي برتري ظاهر ٿئي. لڪشمي ديويءَ کي ڀليڪار ڪئي وڃي ۽ ڦٽاڪن ذريعي بدروحن کي پري ڀڄايو وڃي. ڏياريءَ جي ڏينهن جو صبح سوير اٿي شڀ ڪم سرانجام ڏيندي مهورت جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. ڇو تہ اهو ڪم صحت ۽ روحانيت لاءِ بيحد ڪارآمد آهي. ان موقعي تي ڌن دولت ۽ خوشحاليءَ جي ديوي، لڪشمي ديويءَ جي

پوجا ڪئي ويندي آهي، جيئن ايندڙ سجو سال ان جو آشيرواد حاصل رهي ۽ ماڻهو سٺن ويچارن ۽ اخلاقي قدرن سان سينگاريل رهي چو تہ "سچي لڪشمي" اخلاقي قدرن تي پرپور عمل ڪرڻ ۾ ئي لڪل آهي.

ڏياريءَ جو ڏينهن ننڍن وڏن، پوڙهن، نوجوانن توڙي مردن ۽ عورتن لاءِ خوشيون کڻي ايندو آهي. تنهنڪري سيئي ماڻهو وهنجي سهنجي عمده ڪپڙا پائي ان جي آجيان ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيندا آهن. اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي ويجها اوڏا مٽ مائٽ ۽ دوست بہ اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهن. پنهنجون رنجشون ۽ نفرتون ڇڏي ڪري ڏياريءَ جي خوشيءَ کي گڏجي ملهائيندا آهن.

پر مکي جا پنج مک، وِشنو، اِندرم ڪبير، گجندر ۽ لڪشمي آهن. اهڙي شپ موقعي جي ڪري کي هندو واپاري نون کاتن کولڻ جي ابتداد هن ڏينهن کان ڪندا آهن. گڏو گڏ گئو ورڌن جي پوجا ڪئي ويندي آهي ۽ وڏي انداز ۾ غريبن لاءِ لنگر جو انتظام ڪيو ويندو آهي.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سناتن ڌرم | هندو مذهب |
| صدر مقام | گاديءَ جو هنڌ |
| برتري | بلندي، وڏائي |
| آشيرواد | برڪت، دعا |
| فلڪ | آسمان |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: ڏياريءَ جي معنيٰ ۽ مطلب ٻڌايو؟

جواب:

سوال 2: ڏياري ڪڏهن ۽ ڪيترا ڏينهن ملهائي ويندي آهي؟

جواب:

سوال 3: ڏياري ڪهڙي واقعي جي ياد ۾ ملهائي ويندي آهي؟

جواب: ________________________________________

________________________________________

سوال 4: ڏياري جي ڏينهن ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا آهن؟

جواب: ________________________________________

________________________________________

سوال 5: ڏياري جي موقعي تي ڪنهن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي؟

جواب: ________________________________________

________________________________________

(ب) دُرست جواب ذريعي خال پريو:

(i). ڏياري ________________ جي لفظ ديوالي مان بڻيو آهي.

(الف) هندي (ب) سنڌي (ج) سنسڪرت

(ii). ڏياري جي معنیٰ ______________ جي قطار آهي.

(الف) روشني (ب) بلب (ج) شيشين

(iii). ڏياري ڀڳوان وشنو جي ستين اوتار ____________ جي ياد ۾ ملهائبي آهي.

(الف) شري ڪرشن (ب) رامچند (ج) مهاوير

(iv). ڏياري جي موقعي تي ___________________ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي.

(الف) لڪشمي (ب) ڳائو ماتا (ج) چنڊ

(v). لڪشمي ديويءَ کي _______________ جي ديوي سمجهيو وڃي ٿو.

(الف) پيار (ب) امن (ج) دولت

### (ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ڏياري ٻڌ ڌرم جو هڪ مقدس ڏڻ آهي. | ☐ | ☐ |
| 2. رامچند ويهن سالن کان بعد ايوڌيا واپس ٿيو. | ☐ | ☐ |
| 3. ڏياري جي موقعي تي رات جو پهرئين حصي ۾ ڏيئا ٻاريا ويندا آهن. | ☐ | ☐ |
| 4. سچي لڪشمي سهڻي ڪردار ۾ ئي سمايل آهي. | ☐ | ☐ |
| 5. ڏياريءَ جي موقعي تي هندو واپاري نوان کاتا کوليندا آهن | ☐ | ☐ |

### (د) سرگرمي:

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گهرجي تہ ڪلاس ۾ ’ڏياري‘ ملهائڻ جو عملي نمونو ڏيکارڻ لاءِ هڪ خاڪو پيش ڪن.

| روشني | ڦٽاڪا | ڦلجهڙي | ميڻ بتي | ڏيئا |
|---|---|---|---|---|

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

### (ه) ڊائري/ سبق جون اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو:

سبق ٻيو

# جنم اشٽمي

جنم اشٽمي هندو ڌرم جو هڪ مشهور ڏڻ آهي، جيڪو هر سال هندي ڪئلينڊر جي ڇهين مهيني ’بدو‘ ۾ ملهائبو آهي هن مهيني ۾ اٺين تاريخ جي ڏينهن تي ڀڳوان شري ڪرشن جي پيدائش جي خوشي ملهائي ويندي آهي. جنم جي معنیٰ جمڻ جڏهن ته اشٽمي جي معنیٰ اٺين تاريخ وارو آهي. جيئن ته هي ڏهاڙو اٺين تاريخ تي ايندو آهي تنهنڪري اٺين تاريخ وارو جنم ڏهاڙو سڏجي ٿو. جنم اشٽمي کي ’ست انم‘، ’شري ڪرشن جي انتي‘ ۽ ’گوڪلا اشٽمي‘ به چئبو آهي.



ڀڳوان شري ڪرشن جي، پرماتما وشنو جي ڏهن اوتارن مان اٺون ۽ وڏيڪ مشهور اوتار آهي. سندس پيءُ جو نالو واسديو ۽ ماءُ جو نالو ديوڪي آهي. پاڻ اڄ کان پنج هزار سال اڳ بدو مهيني جي اٺين تاريخ جمنا ندي ڪناري واقع مترا جڳهه تي پيدا ٿيو. جتي پيءُ ۽ ماءُ راجا ڪنس جي قيد ۾ هئا . ڀڳوان شري ڪرشن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو قديم هندستان ۾ ڪورؤن ۽ پانڊؤن جي وچ ۾ لڳندڙ جنگ ۾ شريڪ ٿي پانڊو پتر ارجن کي جنگ جو گيان ڏيڻ ۽ انهن جي مدد ڪري ڪين ڪوروئن تي سوڀ ڏيارڻ آهي، ڀڳوان شري ڪرشن جو پانڊو پٽ ارجن کي جنگ جي ميدان ۾ ڏنل اهو گيان اڄ به اسان وٽ ’مهاڀارت‘ جي صورت ۾ موجود آهي. جيڪو حقيقيت ۾ ڀڳود گيتا جو هڪ حصو آهي ۽ ڀڳود گيتا ته سراسر گيان ۽ ٻڌيءَ جو سرچشمو آهي ۽ انسان ذات لاءِ هڪ انمول تحفو آهي.

جنم اشٽمي جون تياريون ڪافي ڏينهن اڳ ۾ ئي شروع ٿي وينديون آهن. گهرن جي صفائي سترائي جو اهتمام رکيو ويندو آهي، قسمين قسمين ڪاڏا ۽ مٺايون توڙي مکڻ سجائي ڀڳوان شري ڪرشن جي نذر ڪيو ويندو آهي. ان موقعي تي اتي مليل پاٽيءَ سان دروازي کان پوڄا واري ڪمري تائين نمائشي طور ننڍڙي ڀڳوان شري ڪرشن جي پيرن جو نشان ناهي اهو ظاهر ڪبو آهي ته پاڻ آيو آهي ۽ ڪاڏي پيتي ۽ نذر ڪيل شين ۾ برڪت وجهي ويو آهي. گڏو گڏ گيتا پڙهي ويندي آهي ۽ ڀڄن ڳايا ويندا آهن.

جنم اشٽمي جون ريتون رسمون باک ڦٽيءَ کان شروع ٿي پورو ڏينهن بلڪ رات تائين هلنديون رهنديون آهن. ڏينهن ۾ ورت رکيو ويندو آهي يا هلڪي غذا تي گذر ڪري وڏ کان وڏ پوڄا ڪي وقت ڏنو ويندو آهي. ڪي ماڻهو طرحين طرحين کاڌن جو لنگر تيار ڪندا آهن، ڪجهه مندرن کي سينگاريندا ۽ انهن کي خوشبودار بڻائيندا آهن. ٻيا ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتين کي مختلف خوشبوئن ۽ پاڻي سان وهنجاري انهن کي سينگاريندا آهن. جنهن کي ايپشيڪا چئبو آهي. مورتين جي سينگارڻ کانپوءِ پنڊت پردو کولي سيني کي ڀڳوان جو درشن ڪرائيندو آهي. جنهن سان سيئي ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيندا آهن ۽ جنم اشٽمي جي خوشيءَ ۾ ’نمو ڀڳوتي واس ديوايہ‘ پڙهندا آهن. يا ڀڳود گيتا جو ورد ڪندا آهن.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جنم | پيدائش |
| اشٽم | اٺين تاريخ |
| ڳيان | سکيا، ڄاڻ |
| تحفو | هديو، سوکڙي |
| اهتمام | بندوبست |
| نذر ڪرڻ | حوالي ڪرڻ، پيش ڪرڻ |
| باک ڦٽڻ | صبح سوير |

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: جنم اشٽمي جي معنيٰ ۽ مطلب ڇا آهي؟

جواب: ______________________________

______________________________

سوال 2: جنم اشٽمي ٻين ڪهڙين نالن سان مشهور آهي؟

جواب: ______________________________

______________________________

سوال 3: شري ڪرشن ڀڳوان جو وڏو ڪارنامو ڪهڙو آهي ؟

جواب: ______________________________

______________________________

سوال 4: جنم اشٽميءَ جون رسمون ڪيئن پوريون ڪيون وينديون آهن ؟

جواب: ______________________________

______________________________

سوال 5: جنم اشٽمي ملهائڻ جي موقعي تي ڇا پڙهيو ويندو آهي ؟

جواب: ______________________________

______________________________

(ب) دُرست جواب ذريعي خال ڀريو:

(i). جنم اشٽمي ______________ جو هڪ مشهور ڏڻ آهي.

(الف) مسيحيت (ب) هندو ڌرم (ج) يهوديت

(ii). اشٽميءَ جي معنىٰ آهي ______________ تاريخ وارو.

(الف) ڇهين (ب) ستين (ج) اٺين

(iii). ڀڳوان وشنو جو اٺون ۽ مشهور اوتار ______________ آهي.

(الف) شري ڪرشن (ب) مهاوير (ج) گجندر

(iv). ڪورؤن ۽ پانڊون جي جنگ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ______________ جي پاران لڙيو.

(الف) ٻنهي (ب) ڪورون (ج) پانڊون

(v). مهاڀارت ______________ جو هڪ حصو آهي.

(الف) ڀڳود گيتا (ب) ويد (ج) پراڻ

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. جنم اشٽمي ڀڳوان هنومان جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي. | ☐ | ☐ |
| 2. ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم مترا ۾ ٿيو. | ☐ | ☐ |
| 3. اپيشيڪا ڪاڏي نذر ڪرڻ جو نالو آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. جنم اشٽمي جي ڏينهن جو ماڻهو ورت رکندا آهن. | ☐ | ☐ |
| 5. جنم اشٽمي جي موقعي تي بائيبل جو ورد ڪيو ويندو آهي. | ☐ | ☐ |

(د) سرگرمي:

هيٺين اصطلاحن جي سامهون انهن جي مختصر لفظن ۾ وضاحت ڪريو.

1. ڀڄن جي تصوير ____________________



2. هندورو ____________________



3. مکڻ جي تصوير ____________________



4. ڪئلينڊر ____________________



### (ه) ڊائري/ سبق جون اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو:

سبق ٽيون

# ويساکي

ويساکي سک مذهب جو هڪ مقدس مذهبي ڏڻ آهي. هي ڏهاڙو هندي ڪئلينڊر جي ٻئي مهيني ’ويساک‘ جي پهرئين تاريخ ۾ ملهايو ويندو آهي. ’ويساک‘ جي ڪري ان کي ’ويساکيءَ جو ميلو‘ به سڏيو ويندو آهي. ويساکي جو ڏڻ اڪثر ڪري اپريل مهيني ۾ ايندو آهي. انڪري هي ڏهاڙو فصل لڳڻ ۽ لاباري جي شروعات ۾ اچڻ ڪري ”لاباري وارو ڏڻ“ به سڏبو آهي. هي ڏڻ پنجاب وارن لاءِ هڪ ثقافتي ڏينهن جڏهن ته سک مذهب جي مڃيندڙن لاءِ هڪ مقدس ڏهاڙو آهي.



هن ڏڻ جي ابتدا 30 مارچ 1699ع تي هڪ وڏي ميڙاڪي ڪان ٿي، جيڪو سک مذهب جي ڏهين گرو، گرو گوبند سنگهہ جي نگرانيءَ هيٺ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ هن پنهنجي والد گرو تيغ بهادر سنگهہ جي شهادت کان پوءِ پنهنجي عقيدت مندن کي هڪ هنڌ ڪَٺو ڪري انهن کي قرباني ڏيڻ ۽ پنهنجو حوصلو وڌائڻ بابت عملي نموني سمجهاڻي ڏني. جنهن ۾ هزارين ماڻهن مان هن پنجن ماڻهن کي هڪ خيمي ۾ وٺي وڃڻ کان پوءِ اهو ظاهر ڪيو ته هن انهن سڀني کي تلوار سان قربان ڪري ڇڏيو پر آخر ۾ پاڻ جڏهن خيمي کان ٻاهر نڪتو ته اهي پنج ئي به صحيح سلامت نڪتا جن کي سک مذهب ۾ ”پنج پيارا“ جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. ان ئي موقعي تي گرو گوبند سنگهہ اتي موجود سڀني ماڻهن کي امرت پياريو ۽ کين سبق ڏنو ته ”سڀئي پنهنجي ذات پات کي وساري هڪ ٿي وڃو“. جيڪي به

ماڻهو اتي موجود هئا تن کي خالص پنٿ يعني پاڪ ماڻهن جو طبقو سڏيو ويجي ٿو. گڏو گڏ گرو جي هدايتن موجب هر هڪ پوئلڳ پاڻ کي سنگهه يعني 'شينهن' سڏائيندو آهي.

انهي ڏينهن جي ياد ۾ سک مذهب جا مجيندڙ هر سال پوري دنيا ۾ ويساکي کي انتهائي عقيدت ۽ جوش توڙي جذبي سان ملهائيندا آهن. ويساکي ڏهاڙي جا جلوس ڪيا ويندا آهن. جنهن جي اڳواٽي 'پنج پيارا' جي حليي وارا ماڻهو ڪندا آهن ۽ ٻيا عقيدت مند گرو گرنٿ صاحب مان ڪيرتن ۽ گيت ڳائيندا هلندا آهن. انهن کي پڪي گهري رنگ جو منفرد لباس پهريل هوندو آهي ۽ اهي خوشيءَ مان ڀَنگڙا ناچ به ڪندا آهن.



ماڻهو سرنهن جو ساڳ، مڪيءَ جي ماني، ٿهري چانور ۽ ٻيا انيڪ طعام هڪ ٻئي سان ونڊي کائيندا آهن، جڏهن ته گردوارن ۾ اتي، کنڊ ۽ گهه مان نهيل 'گروءَ جو پرشاد' ورهايو ويندو آهي. جنهن کي "ڪڙها پرشاد" به چوندا آهن. سک مذهب جا مجيندڙ هي احترام سان حاصل ڪندا آهن.

## ☆ نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| لاٻارو | فصل لڻڻ، ڪٽڻ |
| امرت | آبِ حيات، خاص پاڻي |
| حليو | مهانڊو، شڪل |
| خيمو | تنبو |
| ٿهري | ڳُڙ ۾ رڌل مِنا چانور |
| پوئلڳ | مجيندڙ/ مريد |
| ڀڄن | مذهبي گيت |

# مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

سوال 1: ويساکي جي معنىٰ ۽ مطلب چا آهي؟

جواب: ____________________

____________________

سوال 2: ويساکي شروع ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟

جواب: ____________________

____________________

سوال 3: پنج پيارا مان مراد ڪير آهن؟

جواب: ____________________

____________________

سوال 4: ويساکي جا خاص کاڌا ڪهڙا آهن؟

جواب: ____________________

____________________

سوال 5: ويساکيءَ جي ناچ کي چا سڏبو آهي؟

جواب: ____________________

____________________

## (ب) دُرست جواب ذريعي خال پريو:

(i). ويساکي ____________ مذهب جو مذهبي ڏڻ آهي.

(الف) هندو (ب) جين (ج) سک

(ii). سک مذهب جا پوئلگ پاڻ کي ____________ سڏائيندا آهن.

(الف) پهلوان (ب) بهادر (ج) سنگهه

(iii). ____________ کي لاباري وارو ڏڻ بہ سڏبو آهي.

(الف) جنم اشٽمي (ب) ڏياري (ج) ويساکي

(iv). ويساکيءَ جي جلوسن ۾ ____________________ مان گيت ڳايا ويندا آهن.

(الف) ويدن (ب) گروگرنٿ (ج) گيتا

(v). ڪڙها پرشاد ________________ جو هڪ قسم آهي.

(الف) ڪاڏي (ب) راند (ج) عبادت

(ج) جملن جي سامهون صحيح (✓) يا غلط (✗) جو نشان لڳايو.

| جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ويساکي هندي ڪئليندرجي پهرئين مهيني ۾ پهرئين تاريخ تي ملهائبي آهي. | ☐ | ☐ |
| 2. ويساکي جي ابتدا گروگوبند سنگهه جي دور ۾ ٿي. | ☐ | ☐ |
| 3. خالص پنٿ هڪ ڪاڏي جو نالو آهي. | ☐ | ☐ |
| 4. سک مذهب ۾ سنگهه جو مطلب بهادر آهي. | ☐ | ☐ |
| 5. ڀنگڙا ويساکي جو هڪ ناچ آهي. | ☐ | ☐ |

(د) سرگرمي:

1. پنج پيارا ________________________________

2. خالص پنٿه ________________________________

3. گُرو جو پرشاد ________________________________

(ه) ڊائري/ سبق جون اهم ڳالهيون هتي تحرير ڪريو:

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

پاڪ سَر زمين شادبَاد
ڪِشورِ حسين شادبَاد

تُونِشانِ عزمِ عالِي شان
اَرضِ پاڪستان

مرڪزِ يقين شاد بَاد

پاڪ سَرزمين ڪا نِظام
قُوّتِ اُخُوّتِ عوام

قوم، مُلڪ، سَلطنت
پائنِده تابِنده باد

شاد بَاد منزلِ مراد

پَرچَمِ ستاره و هلال
رَهبرِ ترقّي و ڪمال

ترجمانِ ماضي، شانِ حال
جانِ اِستقبال

سَايہ خُدائي ذُوالجلال

درجو انون

Directorate of Curriculum Assessment & Research (DCAR)

School Education & Literacy Department, Government of Sindh

Directorate of Literacy & Non-Fomal Education

Tel: +92-21-99217771 E-mail: infesindh@gmail.com Web: www.infesindh.gos.pk